# آس جا ڏيئا

شاعري



جبار"تاثير" سومرو



# شاعري



شاه لطيف جي پرم ويهي
آس جا ڏيئا ٻاري ٿي پئي.

# آس جا ڏيئا

**شاعري**

## جبار”تاثير“سومرو



**BOOK NO: (108)**

AAS JA DHEAA
(Poetry)
Jabar Taseer Soomro
FIRST EDITION 2013

• آس جا ڏيئا
(شاعري)
• جبار”تاثير“سومرو
چاپو پهريون: جنوري 2013ع
ٽائيٽل@ جبار ’آزاد‘ منگي
ڪمپوزنگ: نديم سومرو (نصيرآباد)
ڪنول
پبليڪيشن قنبر

With All Rights Reserved
© KANWAL
Publication Kamber

**ملهه:** 200 روپيا

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ:**

- پٽائي ڪتاب گهر، حيدرآباد . سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
- فڪشن هائوس، حيدرآباد ، - ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد
- ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
- مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو- وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور
- سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر- تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس
- ٿر ڪتاب گهر، مٺي، المهراڻ بڪ فائونڊيشن سانگهڙ—
- ڪنول ڪتاب گهر، ابراهيم شاهه محلو، قنبر

# ارپنا

**هي ڪتاب**
**سنڌ جي معروف شاعر**
**پنهنجي مامي مرحوم**

## اسحاق ’راهي‘

**جي نانءِ ڪيان ٿو.**
**جنهن منهنجو ننڍڙي هوندي ٻار جيان پتڪڙو هٿ پڪڙي**
**ادب جي راهه تي هلڻ سيکاريو.**



اداري پاران:

**جبار ”تاثير“ سومرو** - پنهنجي ٿهيءَ جي اهم شاعرن مان هڪ، عوامي ۽ ادبي رنگن جي خوبصورت ميلاپ سان، ڪن ڏهاڪن کان مسلسل تخليقي پيچرن تي پنڌ ڪندڙ، ادبي ۽ سماجي تنظيمي سرگرمي ذريعي لڳاتار جاڪوڙ ۾ رهندڙ، پنهنجو پهريون تخليقي شاعرانه ڪتاب **”آس جا ڏيئا“** کڻي اوهان جي پرک رکندڙ نگاهه اڳيان عاجزيءَ سان رکي پيو.

”آس جا ڏيئا“ ڪتاب، هڪ وقت جي وارتا آهي، هڪ نفيس دور جي سچاٽپ آهي، جنهن ۾ محبوبيت کان وٺي ڌرت پرستيءَ جي ڳالهه کي پاٽي ڏنو ويو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته فن ۽ فڪر جي ڪائنات جيتري تيزي سان اڳتي وڌي رهي آهي، اسان ان جي مقابلي ۾ نهايت سست ۽ بيٺل پاڻيءَ جهڙا ٿيندا ٿا وڃون، پوءِ به هڪ اميد رهي ٿي رهي ٿي ته اسان سنڌي جديد شاعريءَ جي روشن ڪيل ڏيئي کي ڪڏهن به اجهامڻ نه ڏينداسين. اسان جي آس جا ڏيئا سدائين روشن رهندا.

**جبار ’تاثير‘ سومرو** جو فن ۽ فڪر به ان تمنا جي آرسي سان پنهنجي حصي جا ٻاريل ”آس جا ڏيئا“ کڻي، ڀٽائيءَ جي پونءِ تي دعا جو دُر ٻٽيو آهي. ”آس جا ڏيئا“ ۾ گهڻي ۾ گهڻا مسلسل غزل آهن ته غير مسلسل غزل به. سندس غزل جو فن پنهنجي دور جي نمائندگي ڪري ٿو. نئين دور جي غزل گو ٿهي، ڇئن بندن کان وڌيڪ غزل نه ٿي لکي ته اتي جبار تاثير سومرو ڏهن ٻارنهن بندن کان به وڌيڪ بندن جا غزل لکي ٿو، جنهن ۾ تغزل به آهي ته پنهنجي وقت جي ڪربلائن جو شد مد سان تذڪرو به آهي. سندس ٻيون صنفون نظم/ڪافي ۽ چوسٽن ۾ پڻ ٻولي ۽ ردم جي چاشني محسوس ڪرڻ جهڙي آهي.

**سعيد سومرو**
**ڪنول پبليڪيشن قنبر**
Saeedsoomro4@yahoo.com
Cell: 0333-7523132

مهاڳ:

# ڪوڙيءَ سچ جو سودو

وقت جي سيبتي شاعر ۽ همعصرن ۾ منفرد اسلوب رکندڙ شاعر جبار تاثير سومري جي شاعريءَ لاءِ آءُ پوري ويساھ سان اگر ايئن چوان تہ ھو عوامي امنگن ۽ جذبن جو پرپور شاعر آھي تہ اھو قطعي وڌاءُ نہ ٿيندو.

عوامي جذبن پنھنجين ۽ پراين انفرادي، اجتماعي احساسن جي اظھار واري تُزَ ۽ سادي سودي اظھار ڪي عوامي شاعر چئبو آھي ۽ جيڪڏھن ان شاعر جي شاعراڻي اسلوب يا اظھار ۾ فن، فڪر پرپور مشاھدا ۽ ٻوليءَ جو نج پڻو رھي ٿو تہ ان شاعر جو پورھيو سندس عمر ۾ئي ضرور مڃتا ماڻي ٿو.

ذات جي ڏيھ ۾ رھڻ، مڃتائن جو رڻ جھاڳڻ ۽ پنھنجن همعصر شاعرن ۾ ھڪ الڳ جاءِ يا مقام ٺاھڻ لاءِ پوري حياتيءَ جي اکين جو نور، عمر جي تازگين پنھنجين خوشين، مصروفيتن، سپنن، چيچن، شوقن جي لمحي بہ لمحي قرباني ڏيڻي پوي ٿي ۽ تڏھن ھن صحرا جي سفر وچي ڪجھ سڦلتا ماڻي ٿو.

ڪائنات جي سپنن، ڪيفيتن ڪي لفظن جي ذريعي ھوبھو اپٽارڻ ان ڪي مؤثر سٽاءَ سان سٽي پنھنجين تخليقي سٽن سان لوڪ جي من ۾ گھڙڻ، گھڙي سندن احساسن ۾ سمائجي پنھنجي ڪيفيت پٽاندڙ مٿن وجد طاري ڪرڻ ياڪين مطمئن يا سيراب ڪرڻ ڪو سولو ڪم نہ آھي ان لاءِ ان ذات جي رياضت لاءِ گيانيءَ جو خود انتھائي عميق گيان ڪرڻ لازمي آھي ۽ جبار تاثيرجي شاعري پڙھڻ ڪان پوءِ مون محسوس ڪيو آھي تہ ھي گياني پڻ گيان ۽ ڌيان جي ان عمل مان گذري رھيو آھي، ھن ڪي اھا ڪلَ آھي تہ ديس جي ڌرتيءَ تي رھي پنھنجين امرتائن ڏانھن وکون ڪيئن ۽ ڪھڙين دشائن ڏانھن ڪٽيون آھن. وٽس منزل جو تعين تہ آھي ئي پر سندس واٽون ۽ پنڌ اجا ڪيس نشانبر ڪرڻا آھن. بحرحال سندس مسلسل سفر سندس منزل جي نويد ضرور ٻڌبي. سندس ئي سھڻو شاعريءَ جو ڪتاب جبار تاثير سومري ”آس جا ڏيئا“ نالي سرجيو آھي جيڪا سندس تازي تخليق آھي.

جبار تاثير بنيادي طور رنگن جو رانديگر شاعر آھي، رنگ نہ صرف پيشي سان واڳيل آھن پر سندس شاعري بہ رنگن ۾ئي رچيل ۽ رتل آھي. ھونئن بہ تہ ڪائنات سموري وشال رنگن سان ئي سجايل آھي.



جبار تاثير شاعريءَ جي ميدان ۾ ڪو نئون يا اوپرو نانءُ نہ آھي، ڇا لاءِ جو ھن جي شاعري وقت بوقت مختلف سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رھي آھي، جيڪا پڻ پسند ڪئي ويندي آھي. ”آس جا ڏيئا“ ڪتاب ڪنول پبليڪيشن قنبر ڇپرائي رھي آھي. جنھن ۾ حمد، نعت، غزل، وائي، ڪافي، نظم ۽ چئوسٽا شامل آھن. شاعريءَ ۾ ھڪ عنوان ”دل جون ڳالھيون“ جي نالي سان بہ شامل آھي.

جيئن تہ جبار تاثير جي سموري شاعريءَ ۾ دل جون ئي ڳالھيون ٿيل آھن جنھن ۾ ھو پيار، پيڙا، دک، درد ۽ ننڍڙين ننڍڙين خوشين ۽ خواھشن ڪي پنھنجي خوبصورت شاعريءَ ۾ سھڻي ۽ عوامي نموني پڙھندڙن اڳيان پيش ڪري ٿو.

قدرت جي ڪارخاني ۾ جيڪي لقاءَ سينگارجي ۽ سنوارجي حياتيءَ جي نعمت سان سرفراز ٿي ھن دنيا ۾ اچن ٿا سي ئي حقيقي حُسن واري وصف ڌارين ٿا ۽ سُھڻي صُورت ۽ موھڻي مورت جو روپ ڌاري اظھار جا گھرجائو ھوندا آھن جنھن لاءِ شاعر، مصور ۽ موسيقار گھربل ھوندا آھن جيڪي ڪنھن خوبصورت غزل ڪي جوڙين يا ڪا سھڻي چٽ ۽ مھانڊي واري مورت ٺاھي ڏسندڙ يا ٻڌندڙ جي سماعتن تائين رسائين.

جبار تاثير بہ پنھنجي شاعري ۾ صورت، مورت ۽ شاعريءَ جو گڏيل امتزاج اھڙي نموني رکيو آھي جو ڇڻ ھن جو محبوب، پريتم ماھتابي رخ سان جبار سان ھمدم ۽ ھم ڪلام آھي جنھن سان تاثير ڏاڍي خوبصورت انداز سان مخاطب ٿئي ٿو. اچو تہ ھن غزل جي ڪيفيت محسوس ڪيون:

جڏھن بہ سامھون ايندو آھين،
خوش ٿي ڪلندو ويندو آھين،
شايد توکي مان بہ وڻان ٿو،
تڏھن تہ ايندو ويندو آھين.

جبار تاثير جو غزل پڙھندڙ لاءِ ڏاڍو سولو ۽ آسان آھي ۽ اھو شعر ھرويرو بہ نہ پر ان ۾ ھڪ گھرو مطلب ۽ معنیٰ سمايل آھي.

شھر ۾ شور مچي ويو آھي،
ڪو تہ منصور اچي ويو آھي.
تنھنجي نظرن جي نشاني ڪان پلا!
تون ئي ڏسِ ڪير بچي ويو آھي.

تون رنو آهين ائين ٿو سمجهان،
مون ڪان ڄڻ ڀاڳ رُسي ويو آهي.

تاثير جي غزل ۾ ڏاڍي گهرائي آهي جنهن جا انيڪ مثال سندس ئي ڪتاب ۾ ملندا جيئن هڪ غزل ۾ چيو اٿس ته:

ڏس ڪٽڪن جا اجهي سنگ پچي ويا آهن،
کهڙا کهڙا نه سڄڻ رنگ رچي ويا آهن.
قافلا آيا جا بهارن جا وري گلشن ۾،
ڏينهن ميلاپ جا اي يار اچي ويا آهن.

غزل ۾ تشبيهن جو هڪ پنهنجو شان ۽ مقام هوندو آهي، سهڻي تشبيهه غزل کي نه صرف شانائتو بڻائيندي آهي پر اها پڙهندڙ کي به پاڻ ڏانهن متوجهه ڪندي آهي. تاثيرجي غزل ۾ به انيڪ حسناڪين پريون تشبيهون ملنديون. جيئن چوي ٿو ته:

مان ته زلفن کي قسم ساڻ ائين ٿو سمجهان،
تنهنجي ڳلڙن جي مٿان نانگ نچي ويا آهن.

يا هن غزل ۾ هيئن مخاطب آهي ته:

اتي مينهن وٺا ڳوڙ ڪڪر جو آهي
هت منهنجا پرين پاند پسي ويا آهن.

تاثير جي مجموعي ۾ ڪافي خوبصورت سٽون سرجيل آهن اڃا ته هنن سٽن جي اندر سمايل خوبصورتيءَ کي پسون:

پيار جي ڳلڙن سان دل جو صحن سينگاري ڇڏيم،
تنهنجي راهن ۾ سڄڻ اکڙيون وڇائڻ ٿو گهران.

تاثير جي غزل ۾ محبوب جو ذڪر ته آهي ئي پر! هُو پنهنجي محبوب سنڌ کي به نه ٿو وساري:

گلشنِ مهراڻ جو اجڙڻ ڏسي،
آرنو آڪاش ۽ ڌرتي ڪٽي.

هڪ ٻئي مصرعي ۾ چوي ٿو ته:



دادلي جي درياءَ جي هستي ڪٽي،
ساڳي آ مهراڻ ۾ مستي ڪٽي.

جبار تاثير جي غزل تي جيڪڏهن تفصيلي لکجي ته پورو هڪ دفتر ٺهجي پوندو. بحرحال تاثير جي غزل ۾ تسلسل واريون ڪيفيتون ڏاڍي سٺي پيرائي ۾ بيان ٿيل آهن.
تاثير جي وائيءَ تي جيڪڏهن نظر ڦيرائجي ته اها به پنهنجيءَ سونهن ۾ ڪا غزل کان گهٽ ڪونه آهي ان ۾ به هڪ وزن ۽ رس چس آهي ۽ سندس سٽون هڪ خوبصورت منظر ڏانهن نيئي وڃن ٿيون:

سانجهيءَ ويلي وڻ تي ويهي
ڪوئل ڪوڪ لائي
تي منهنجو من تڙپائي
توبن مون کي منهنجو گهر ڇا!
هرشيءِ تي ڄڻ ڪائي
تي منهنجو من تڙپائي.

سنڌي شاعري ۾ ڪافيءَ يا وائيءَ جو هڪ الڳ اهاءُ آهي جيڪو ڄڻ ته سنڌ جي ئي مٽيءَ جو هڳاءُ آهي، جنهن کي جيڪڏهن ڪاريگر شاعر اظهاري ته پوءِ ان جو روپ ڏاڍو سندر ٿي پوندو آهي. تاثير جي وائيءَ ۾ ڪافيءَ جو ساڳيو سندر روپ هنن بندن ۾ اوهان پسي سگهو ٿا:

منڙا وڃ تون منهن ڏيکاري.
ساريم توکي ساڻوڻ سياري.
راهون تنهنجون روز نهاري،
دل تي ساجن توکي ساري.
منڙا وڃ تون منهن ڏيکاري.

تاثير چئوسٽا به ڏاڍا خوبصورت لکيا آهن جن ۾ هڪ ڪرب، هڪ پيڙا، هڪ پيغام ۽ هڪ نياپو سمايل رهي ٿو ساڳي وقت سنڌي سماج جا هوبهو عڪس پڻ سمايل آهي.

اسان کان اڳي ئي ٺهڪ وڃڙي ويا هن،
الائي جو مرڪون ڇڏينديون وڃن ٿيون،

غمن جا وري گهر تا آباد ٿين پيا،
خوشيون سنڌ مان ڇڻ لڏينديون وڃن ٿيون.

جبار جي چؤسٽن ۾ سنڌ جو درد سمايل آهي جنهن جو اظهار هو جاءِ بجاءِ ڪري ٿو:

هن ديس جي ڌرتيءَ تي رهڻ ٿو چاهيان.
هن ديس جي دشمن سان وڙهڻ ٿو چاهيان.
ڪاڏو آ قسم منهنجي قلم سنڌوءَ جو،
سنڌوءَ جي ڪنارن تي لکڻ ٿو چاهيان.

جبار هڪ طويل غزل جنهن کي هن عنوان ”دل جون ڳالهيون“ ڏنو آهي تنهن ۾ سڄڻ، مينهن ۽ نينهن کي ڏاڍي پاڀوهه سان بيان ڪري ٿو جيڪو اهم ۽ ضرور پڙهڻ جهڙو آهي.

جبار تاثير سومرو بنيادي طور غزل جو شاعر آهي، جنهن جي غزل جو هڪ پنهنجو مزاج آهي پر ٿلهي ليکي تاثير جي شاعري جي مڙني صنفن ۾ بي پناهه خاصيتون آهن،جيڪي پڙهندڙ کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪن ٿيون. سندس سموري شاعري اڄ جي دور جي امنگن ۽ عڪسن مطابق آهي.

تاثير جي ڪافي شاعري رومانٽڪ انداز واري آهي جنهن ۾ رومانوي اسلوب ليائڻ واري انداز ۾ لکيل آهي. الله ڪيس وڏي ڄمار ڏي هو سماجي، سياسي ۽ محبوب جي دلربائين کي دل سان محسوس ڪندڙ شاعر آهي، سدائين هن جي ڏات ۽ سندس ذات لاءِ دعاڳو رهندس. هو ٻوليءَ جو نهايت خوبصورت ۽ اهم سخن ور آهي ۽ رهندو. هن جي شاعريءَ جي يگانيت ئي ان جي سڃاڻپ رهي آهي ۽ اڳتي به رهندي. هو پنهنجي خدادا ڪلا سان ٻولي کي مالا مال ڪندو رهندو. مان سندس ئي سٽن سان ڪيس تحسين ڏيان ٿو ۽ نئين مجموعي جي مبارڪ پڻ.

ڪوڙَ سچَ جو ٿو ٿئي سودو پيو،
اهڙو ئي واپار آهي زندگي.

**ع.غ ”تبسم“**
نئون ديرو
12-12-2012



تاثر:

# شاعر، يادگيريون ۽ وطن

لکڻ جي سفر ۾ جتي مون کي نوڪريءَ تان معطلين، پگهار بند ٿي وڃڻ جهڙيون سيڪٽون مليون آهن انهن مان هڪ سيڪت اها به ملي آهي ته ڪنهن ڪتاب جو مهاڳ يا بئڪ ٽائٽل لکڻ يا صاحبِ ڪتاب جي فن تي راءِ جو اظهار ڪرڻ ڏکي ۾ ڏکيو ڪم آهي سوبه جڏهن شاعري جو مسودو هٿ ۾ هجي ته پوءِ ذميواري وڌي ٿي وڃي ۽ شاعر توڙي شاعري سان انصاف نه ڪري سگهڻ جي صورتحال پيدا ٿي وڃي ٿي.

شاعر ته ڪنهن مخصوص ڪيفيت ۾ شاعري جو سائو سائو گهاٽو جهنگ پوکي ٿا وڃن پر اپٽار جو بار وري اسان جهڙن اڌ پڙهيل، اڌ ڪريل نام نهاد نثر لکندڙ تي پوي ٿوجنهن ۾ جيڪو خيال نه ٿو وٽي شاعريءَجون ڪمزوريون ڇڏي چونڊ شين تي ڌيان ڏيڻو ٿو پوي. اهو خاص طور اسان جي ادبي ماحول جو لقاءُ ۽ روايت آهي نه ته دنيا ۾ ائين گهٽ ٿو ٿئي.

منهنجي ٽيبل تي جبار تاثير جي شاعري جو مجموعو آهي جيڪو ڪتاب جو صاحب ٿيڻ ٿو چاهي. ان ڳالهه جو اظهار هن پنهنجي هڪ غزل ۾ به ڪيو آهي ته:

شمارن ۾ ’تاثير‘ لکندو رهيو آ،
ڇپيل شاعريءَ جا شمارا تا گهرجن.

هن جي شاعري تائين منهنجي پهچ به اخبارن، رسالن ذريعي ٿي ۽ اهوئي هن جو ادبي تعارف هو. پوءِ روبرو ملاقاتون ۽ موبائيل فون واري ڳالهه ٻولهه به رهي هن جي ئي شعر ۾ ته:

اخبار رسالن ۾ تون منهنجا،
شعر ڇپيل پيو پڙهندو آهين.

شاعري ۾ هو پنهنجو استاد مرحوم اسحاق راهي کي مڃي ٿو ته هن جي شعر تي مونکي ان احمد خان مدهوش جو به اثر محسوس ٿئي ٿو جنهن جبار کي ”تاثير“ جو تخلص عطا ڪيو ۽ جبار لاءِ اهو وڏو اعزاز آهي. هن

جي شاعري تي لکندي مونکي نثري شاعري ڪرڻ نہ گهرجي چوتہ اوهان ڪنهن شاعر جي فن تي جڏهن شاعر تي لکندا تہ تجديديت جي ور چڙهي اصل ڳالھ گم ڪري سگهو ٿا. ريشمي لفاظي ذريعي شاعر جي فن بجاءِ پنهنجي ڪاريگري جي ڏاڪ جمائڻ چاهيو ٿا ان ڪري بهتر آهي تہ شاعر جيترو ڪم آهي جيئن آهي ان کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ گهرجي.

جبار تاثير جي شاعري جو هڪ اصلاحي پهلو آهي سماج جي اصلاح، فرد جي اصلاح، برائين جي نشاندهي، چڱاين لاءِ سماج ۾ جاءِ پيدا ڪرڻ لاءِ شاعرن دنيا جي هر خطي ۾ پنهنجي فن کي استعمال ڪيو آهي، ٻين سماجن جيئن اسان جي سماجي اخلاقيات جا معيار بہ تبديل ٿيندا رهيا آهن ۽ ٿيندا رهندا. ڪالھ جيڪا بداخلاقي هئي اها اڄ سماج جي ضرورت آهي يا فرد جي ضرورت آهي جنهن جو مثال اسان جي سماج ۾، ماضي ۾ عورت جو فون تي ڳالهائڻ بري ڳالھ سمجهي ويندي هئي پر اڄ اها ڳالھ ضرورت تحت قبول ڪئي وئي آهي. فون اخلاقيات جي دائري مان نڪري سماج جي اهڙي ضرورت بڻجي وئي آهي جو عورت بہ استعمال ڪري پئي پر سماجي برايون انهن ڳالهين کان الڳ بہ آهن. جيڪي اسان جي سماج ۾ بہ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ رهيون آهن جنهن ۾ عورت جي غير محفوظ حالت آهي. ان جي نشاندهي جبار تاثير پنهنجي غزل جي هنن سٽن ۾ ڪري ٿو:

نياڻين جي عظمت ۽ ناموس خاطر،
سندن لئہ نہ ڪائي حفاظت رهي آ.

حقيقت بہ اها آهي تہ سماج ۾ عورت ايتري تہ غيرمحفوظ آهي جو مرد هن کي پنهنجي رحم ڪرم تي گهر ۾ اهڙو تہ ”محفوظ“ ڪري رکيو آهي جتي هو آسانيءَ سان عورت جي جذبن، احساسن کي روين ذريعي بہ قتل ڪري سگهي ٿو تہ جسماني طور بہ ختم ڪري سگهي ٿو. سماجي جهالت ڀريون رسمون بہ اڃا انهيءَ عورت تي ڪرن ٿيون جنهن کي سماج ۾ وڪري جو وکر سمجهو ٿو وڃي. بيجوڙ شاديون، جوان عورتن سان ننڍڙين ٻارڙين سان پوڙهن ۽ مرندڙ ماڻهن جون شاديون بہ عورت کي سماجي عدم تحفظ کي ظاهر ڪن ٿيون جنهن لاءِ جبار تاثير لکي ٿو:

نينگر ننڍي ساڻ پوڙهو آ پرڻيو،
رسمن ۾ ڪيڏي جهالت رهي آ.



جبار تاثير شاعريءَ ۾ غزل تي وڌيڪ ڌيان ڏنو آهي ساڳي مٿين غزل ۾ شاعر هڪ اهڙي ناسٽلجيا ۾ ورتل ٿو لڳي جيڪا ماضيءَ جي شڪل ۾ هر فرد کي چڱين برين يادگيرين جي گهيري ۾ آڻي رکندي آهي. ماڻهوءَ تي جڏهن وقت وسي وسي سندس زندگيءَ جي پيڙهي کي ڪناري جي ويجهو آڻڻ لڳي ٿو تہ هڪ وشال ماضي هن وٽ جمع ٿي وڃي ٿو ۽ حال برو ۽ ماضي چڱو نظر اچڻ لڳي ٿو. ماضي انصاف ڀريو ۽ حال بي انصاف ٿيو پوي اهڙي صورتحال هتي جبار تاثير جي هنن مصرائن ۾ بہ نظر اچي ٿي:

وڃي سچ کي ٿو رڳو ڪوڙ ڪائي،
نہ انصاف واري عدالت رهي آ.
وڪامي ٿو ڪوڏين تي انصاف اڪثر،
عدالت ۾ اهڙي وڪالت رهي آ.

هتي جڏهن اسان جي ڪڏهن رڳو حال يا موجوده وقت جي بي انصافين جي نشاندهي ڪندا رهنداسون تہ پوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ان ماضيءَ جي بي انصافين جو ڇا ٿيندو! جنهن ۾ سماج ۾ نہ عدالتون هيون نہ فيصلي سازي جو ڪو موثر نظام هو. هزارين نہ پر لکين فرد انهن بي انصافين جي ور چڙهي ويا ۽ ٻيو سوال اهو بہ اڀري ٿو تہ ڪٿي موجوده بي انصافي يا سماجي برائي انهيءَ ماضي يا گذريل وقت جي بي انصافين جو تسلسل تہ ناهي؟

جبار تاثير جنهن شاعري ۾ چئوسٽن جي صنف تي بہ قلم جو سينگار ڪيو آهي ان جي شعر ۾ مونکي جتي هي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هن غزل جي سائيز کي ڊيگهہ کان بچائڻ جي ڪوشش چونہ ڪئي آهي! اتي هن خود کي ڏکي بحر وزن ۾ ڇو ڦاسائي رکيو آهي؟ ۽ پڙهندڙن جو ڌيان هن جي انهن لفظن، ڪافين طرف بہ هليو ٿو وڃي جيڪي عام فهم ناهن. مثال طور هڪ غزل ۾ فرزاني، خسخاني، ڪاشاني جهڙا لفظ/قافيا ويراني، مستاني جي قافين کي فالو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا آهن. ڪٿي قافيي جو ورجاءُ بہ آهي تہ ڪٿي گم ٿيل آهي خير اهي ٽيڪنيڪل مسئلا آهن. ڪنهن علم العروض جي ڄاڻ رکندڙ جا مامرا آهن، پر هڪ پڙهندڙ طور آءُ اهوچوندس تہ ڏکي بحر وزن ۾ جڏهن ڳرا ۽ اجنبي لفظ استعمال ٿيندا تہ شعر جي موسيقيت جو مارجي وڃڻ ضروري ٿو ٿي.

جبار تاثير جي شاعري جي گهڻي وڏي حصي ۾ مونکي رواني به ملي ته ڪنهن ڪنهن بند تي دل امالڪ اها رڙ ڪري ٿي وجهي ته سڀ بند هن شعر جهڙا چونه آهن. مثال اها صورتحال مون لاءِ تڏهن ٿي جڏهن آءُ شعر پڙهندي هنن سٽن تي پهتس:

هر پُور مٿان تو پُور پوي،
هڪ درد ويو بيو آيو آ.

يا هن آڪاش ۾ ڌرتي جي عنوان هيٺ لکيل شعر جو هي بند انتهائي دل ڇهندڙ تو محسوس ٿيئي:

سيرڪان وچڙي ڪُنڻ ڪان پار ٿي
جولي جولي پاڻ ۾ پرتي ڪٽي.

مون مٿي ذڪر ڪيو آهي ماضي جو ۽ ان ماضي طرف جبار تاثير جي شاعراڻي اظهار ۾ رويي جو. ماڻهو زندگي ۾ حال جي هڻ وٽ ۾ ماضي جي ياگيري ۾ رهي ٿو بلڪِ يادگيري ماضي جو ٻيو نالو آهي. ماضي گذريل وقت آهي به يا نه؟ گذري به چڪو آهي يا گڏ گڏ هلندي ماڻهوءَ کي مٿي پيڙو ڪري وٺائنس يادگيريون ڪسي تو وجي. يادگيريون جيڪي اداسين جي واءَ تي به سوار ٿي اچن ٿيون. حال محرم، همدرد، يار دوست، جايون جڳهون، وڻ ٽڻ، پيچرا واٽون، وقت، لمحا سين تي يادگيرين جي ول چڙهي ٿي ۽ درد ڏئي وجي ٿي.

جنين ڪاڻ جايون دلين ۾ جُڙيل هون،
ڪري سي اسان ڪان ڪنارا هليا ويا.
اهي پل ڪچهريون ۽ دلڪش نظارا،
اونهارا اهي ير سيارا هليا ويا.

شاعري جتي رڳو قافيه بندي ۽ بحر وزن جي ڪاريگري ناهي اتي شاعري رڳو ماضي/ يادگيريون به ناهي. حال ڪان ڪٽجي شاعري سفر طئه نه ٿي ڪري سگهي. اڄ حال سياڻي جو ماضي ۽ ٻين لفظن ۾ سياڻي جي تاريخ به آهي ان ڪري ڪو به شاعر جبار تاثير جيان حال ۽ خاص طور پنهنجي اردگرد جي حالتن ڪان ناواقف نه تو رهي سگهي جو ته انسان



يوڳنائن جي عمل مان هر راهه، رستي ۽ چوڪ تي حال مان ٿي گذري ٿو. اکين سامهون بي انصافين جي تجربن مان گذري ٿو، مشاهدا ڪري ٿو. شاعر جو اردگرد هن جو وطن ۽ سرزمين آهي. وطن ئي شاعري جو سينگار آهي ۽ اعلىٰ شاعري وطن جو سينگار هوندي آهي.

شاعرن وٽ ڏيهه مان ڏکن جي تڙجڻ جون تمنائون سدا سايون رهنديون آهن ۽ ديس ۾ زندگي جي ڦِڪي پوڻ جا خواب هو اکين ۾ تڏهن ڪان ئي ڪٽي هلندا آهن جڏهن ڪان هو ديس اندر ٽيندڙ ظلم، بربريت کي ڏسن ٿا. سنڌ جي ويجهڙ وارن ڏهاڪن ۾ ڪهڙي حالت ٿي آهي اها ڪنهن ڪان ڳجهي ناهي، ان ديس ۾ زندگي جي تذليل ڪيئن ٿي ٿئي:

ڪوڙ سچ جو تو ٿئي سودو پيو،
اهڙو ئي واپار آهي زندگي.
پيءُ تو وڪڻي پيو اولاد کي،
نئين ڪليل بازار آهي زندگي.

هن جي شاعري ۾ ديس جا درد به آهن ته هن جي پنهنجي ذات جون سڀ ڪيفيتون چٽيل آهن. ديس جي دردن جو ڇوٽڪارو ويڙهه ڪان سواءِ هن کي نظر نه تو اچي ۽ هو ديس خاطر ويڙهه کي انهي ڪري زندگي سان مشروط تو ڪري جو هو ديس لاءِ سکن جي تمنا کي به سانڍي هلي ٿو:

ديس خاطر جي وڙهي ڪوئي نه تو،
پوءِ سڄڻ! بيڪار آهي زندگي.

آءٌ هڪ ڳالهه سنڌ جي سيني انهن شاعرن کي چوندو آهيان جيڪي منهنجي قلم مان اجايون اميدون رکي مونکي سندن فن جي اپٽار ڪرڻ يا راءِ ڏيڻ لاءِ چوندا آهن اها هي ڳالهه آهي ته شاعرن کي پنهنجي آس پاس يا ٻين ٻولين جي شاعري نه فقط پڙهڻ جو عمل جاري رکڻ گهرجي پر شاعري بابت نثري مواد کي به مسلسل پڙهندو رهڻ گهرجي ۽ اها ڳالهه آءٌ هتي به دهرايان ٿو.

**حفيظ ڪنير**
حيدرآباد
08-12-12

تعارف:

# شاعر، استاد، چترڪار، ڪمپيئر...

نصيرآباد علم وادب سياست، تعليم ۽ صحافت سان گڏ عالمن، اديبن، شاعرن، سخنور سگهڙن سان مالا مال هڪ شاهوڪار شهر آهي. جتي علم وادب سان گڏ شاعري جون منڊليون متل رهيون آهن جن کي مڃائڻ ۾ شاعرن اديبن لوڪ ادب جي سرواڻن " جن کي ٻوليءَ جا وينجهار" چيو وڃي ٿو جو وڏو ۽ هٿ ۽ ڪردار رهيو آهي. شاهه لطيف جي چوائيءَ موجب " ذات ناهي ذات جو وهي سو لهي" نصيرآباد شهر ۾ به اهڙي ئي ڪار آهي.

مولوي محمد عظيم شيدا بهترين شاعر سان گڏ مذهبي عالم ۽ فاضل جنهن صدارتي ايوارڊ به حاصل ڪيو فقيرمنش ۽ درويش صفت مولوي عطا محمد سومرو ۽ محمد رمضان سومري جهڙا خطيب ۽ عالم ٿي گذريا آهن. نعت ۽ حمد جو شاعر محمد صالح سومرو ان کان علاوه محمد حسن منگي صحافت ۾ اعلیٰ مقام ماڻيندڙ لازوال خدمتن جو مالڪ. محمد يوسف منگي، نور فقير باداڻي، لوڪ ادب جو سرواڻ سگهڙ محمد لقمان ڪوڪر، سرور پيٽي، بچل بيوس لغاري، فقير قربان علي تونيو ۽ ڪجھ ٻيا جن جي شاعري پنهنجو مٽ پاڻ آهي پر جبار تاثير سومرو جو نالو بحيثيت هڪ غزل گو شاعر آهي. مسلسل لکندڙ مڙني کان گهڻو چيچندڙ ۽ سينيئر شاعر آهي. علم و ادب، موسيقي ۽ شاعري سان سندس بي پناهه عشق ۽ لڳاءُ اٿس. سندس جو چوڻ آهي ته" هن وقت شاعري منهنجي زندگي جو رياض آهي". ڪتاب، قلم، ٽي وي، شاعري ۽ گهر جو هڪ الڳ ڪمرو سندس لاءِ باغ عدن آهي، جياپي جو واحد ذريعو ۽ خوبصورت سهارو آهي. جتي سندس يار دوست ڪچهريون ڪري پيا منڊليون مچائيندا آهن. شاهه لطيف چوائي موجب " نيئر منهنجو نينهن اجاري اڃو ڪيو" يا " ميهار مرڻ سين نيئر پاتم نينهن جو".

سائين جبار تاثير شاعريءَ سان نينهن جو نيئر ۽ عشق جو ناتو ته الست بربڪم کان وٺي ڳنڍي ڇڏيو هو. لکڻ جي شروعات 1973ع ۾ ٻاراڻي ادب کان ڪئي. جڏهن شاعري جي اڻانگي ۽ ڏکي سفر ۾ ڏکن تکليفن سان منهن ڏئي وچي عشق سان ناتو جوڙيو هوندو شاهه لطيف چوائي ته " عشق سان اناءِ پيهر پريان جي پار ڏي" يا " عمر سڀ عشق سين پنهون جي پچن" ته پوءِ شاعريءَ جو سفر شعور يا ادراڪ ، تکميل ڏانهن ڊوڙڻ شروع ڪندو آهي تنهن وقت احساسن، جذبن ۽ امنگن ۾ تيزي ۽ درد وڌي ويندو آهي. تڏهن ته تخليقي ڪيفيت جڙندي آهي چوته دردئي اصل ۾ تخليق جو بنياد ۽ اهم محرڪ هوندو آهي تهڙي طرح سائين به ساڳي راهه وٺندي پنهنجا پير ضرور پٿون ڪيا هوندا. " عشق نانگ نپٽ خبر ڪاڏن کي پئي" جهڙي ڪپر ڪاڏل واٽَ تي هلندي سائين به هڪ عاشق شاعر جو روپ وٺي شاعري جو معراج ضرور ماڻيو هوندو جنهن جي شاعري ۾ ڏک سک، خوشي غمي، هار جيت ۽ پيار جو ڪليو اظهار به ملي ٿو. تڏهن ته سنڌ ڌرتي جي صوفي بي باڪ ۽ منصور شاعر سچل سرمست چيو آهي ته:

**ڪڏهن من ماڪوڙي ڪڏهن ڪيهر شينهن،**
**سرتيون سارو ڏينهن، ناهيان حال هڪ تي.**

ان خوبصورت زندگي جو اظهار سائين جبار تاثير سماجي پيڙا ۽ ڪرب سان هن انداز ۾ ڪري ٿو جنهن ۾ هن انڌي گونگي ۽ ٻوڙي سماج جي لازوال تشريح ڪليل انداز ۾ ڪئي آهي:

**ها غمن سان تار آهي زندگي،**
**توسواءِ بيمار آهي زندگي.**
**ڪوڙ سچ جو تو ٿئي سودو پيو،**
**اهڙو ئي واپار آهي زندگي.**
**مفلسيءَ جي ور چڙهيل هن ڏيهه ۾،**
**پانيون تا نادار آهي زندگي.**
**جوان پٽ جي موت تي ماتم ڏسي،**
**تي پئي ڇڻ بار آهي زندگي.**

وري هيٺ سائين سونهن عشق ۽ جماليات جو مزو به هن طرح وٺي ٿو ته:

**هن جي پاڪر جو مزو مان ڇا چوان!**
**ڇڻ گلن جو هار آهي زندگي.**

سائين جبار جي شاعريءَ جا ڪيترائي رنگ روپ حسن ۽ سونهن جا ڪيترائي موضوع ٻڌل آهن جن تي سائين پنهنجي تلخ تجربن ۽ گهري مشاهدي مان طبع آزمائي ڪندو رهيو آهي. ”محبت پائي من ۾“ شاعريءَ جا رنڊا روڙيندو رهي ٿو. اهڙي شاعري لاءِ يونان جي عظيم ڏاهي، فلسفي ارسطو چيو تہ” شاعري سيني فلسفين جي ماءُ آهي“ جيڪا فلسفي کان وڌيڪ فڪرانگيز ۽ تاريخ کان وڌيڪ سبق آموز ثئي تي ۽ ساڳي وقت هڪ سچو شاعر نہ رڳو آفاقي حقيقتن کي آشڪار ڪندڙ، سچ جي ساجاهہ ڏيندڙ ۽ دلي ڪيفيتن جو عظيم پارکو هوندو آهي پر ساڳي وقت پنهنجي دور جي تاريخي واقعن جو امين ۽ هڪ عظيم مورخ پڻ هوندو آهي.

ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ۽ گمان نہ آهي تہ هڪ سچو ۽ ڪميٽيڊ شاعر پنهنجي قوم، وطن، ڌرتي، ٻولي، ادب ۽ عام جي پهچ، مظلوم، محڪوم،ڌتڙيل ۽ پيڙهيل ماڻهن جي دردن ڏکن، حقن تڪليفن ڪيترن ئي مسئلن ۽ پوڳنائن جو آواز ۽ پڪار هوندو آهي. جيڪو پنهنجي شاعري يا ڪلام ۾ پنهنجي قوم جي درد ۽ سورن جو داستان پيش ڪندو آهي.

سنڌ ڌرتي بہ اهڙن دردن جو ديس آهي جيڪو ” جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي ڦنڊاروئن جوکو“ کان وٺي سنڌ ۾ آيل ٻوڏن جي صورت ۾ قهري آفتن ۽ مصيبتن تائين هڪ ڏکهو سفر طئہ ڪري ٿو. تاثير بہ پنهنجي شاعري ۾ سنڌ ۾ آيل ٻوڏ دوران مسڪين ۽ بيوسين جو شڪار ٿيل ماڻهن جو نقشو چٽيو آهي. ايوانن ۾ ويٺل حڪمران ڪامورا ۽ رياست کي جاگير سمجهندڙ ماڻهن لاءِ بي باڪي ۽ بهادري واري انداز ۾ در ڪڙڪائي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ايوانن ۾ ويهڻ وارا سنڌ جو هي نقصان ڏسي وڃ،
سنڌوءَ ساڃي ڪپ تي ويٺل بيوس هي انسانَ ڏسي وڃ
هٿ وٺي ڪنهن ڪٽُ ڏئي آ ٻوڙيو هن سنسار سڃي کي،
ڪجھ پي ڪونہ بچيو آ باقي سورن جو سامان ڏسي وڃ.
جن جا گهر آباد هئا ۽ مک تي مرڪون مهڪ متل هئي،
تن جا گهرڙا خالي ٿي ويا ويڙها سڀ ويران ڏسي وڃ.
خالي ٿانوَ هٿن ۾ جن جي ڪي ويلي کان ٿا واجهائن پيا،
ڪامورن جا دڙڪا تن کي دابا ۽ دهمان ڏسي وڃ.



سائين جبار تاثير جيترو سينيئر آهي اوترو ئي هوشيار ۽ شاگردن کي اسڪول ۾ پڙهائيندڙ الڳ حيثيت جو مالڪ آهي. بورڊ تي لکيل لفظ بہ ائين پيو لکندو چڻ موتين مالها پيو ناهيندو وري ڊرائنگ ۾ سهڻيون سنيون تصويرون ناهي سنڌ جي ثقافت جا جادو پيو جڳائيندو.

منهنجون سائينءَ سان اسڪول کان وٺي الائي ڪيترين يادون سمايل آهن چوتہ ادب جي راهہ تي هلندڙ قافلي جا پانڌيئڙا بہ آهيون. علم ۽ ادب جي ڏياتي پاري ڏيئن مان ڏيئا ٻارڻ اسان جو شوق ۽ مشغلو رهيو آهي. خاص ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول نصيرآباد ۾ مون سائينءَ کان ججهي انداز ۾ سکيو ۽ پرايو آهي. سندس ئي تخلص تاثيرجهڙو اثر اڄ بہ انهن شاگردن تي پيو آهي جيڪي هن وقت وڏن وڏن عهدن تي فائز آهن. جڏهن بہ ڪو پروگرام ٿيندو هو ان ۾ پاڻ بهترين ڪمپيئرءِ اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرائض انجام ڏيندو رهيو. شعر پڙهڻ، ڳالهائڻ جي هر ادا ماڻهوءَ کي موهي وجهندي هئي. جشنِ لطيف هجي، ادبي محفلون هجن، عيد ميلادالنبي ﷺ جهڙا ڏينهن ملهائڻ ۾ سيني کان سرس ۽ اڳيرو پيو نظر ايندو. جنهن جي موٽ تاڙين جي گونجار ۾ ڪيس حاصل ٿيندي رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن شاگردن ۽ استادن جي اسرار تي پنهنجي سريلي آواز ۾ گيت ٻڌائي پيو داد حاصل ڪندوهو.

اسٽيج سيڪريٽري هئڻ ناتي ” نصيرآباد نيشنل پريس ڪلب“ جي حلف برداري تقريب ۾ روينيو منسٽر الطاف حسين انڙ کان ايوارڊ بہ حاصل ڪري چڪو آهي ان کان علاوه نصيرآباد ۾ شاهہ لطيف آرٽ سرڪل پاران سئنما حال ۾ ٿيندڙ پروگرام ” ممتاز لاشاري شو“ ۾ بہ سٺي ڪمپيئر طور خان صاحب حيدر بخش جتوئي چيئرمين ٽائون ڪاميٽي ميهڙ جي هٿان سَنَدَ بہ حاصل ڪئي اٿس.

سائين پنهنجي سڀاءُ ۾ خوش مزاج، خوش پوش ۽ خوش اخلاق رهيو آهي. ڪچهرين ۾ ويهندي ٻوڳ چرچا، لطيفا ٽوٽڪا ٻڌائي ٻين کي کلائڻ ۾ پڻ ماهر رهيو آهي. 1980ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو قيام ٿيو جنهنجو پهريون سيڪريٽري جبارآزاد منگي ٿيو ان بعد جبار تاثير سومرو سنڌي ادبي سنگت نصيرآباد برانچ جو سيڪريٽري بہ رهي چڪو آهي.

آءُ متي عرض ڪري چڪو آهيان تہ نصيرآباد شهر ادب، شعر ۽ شاعري ۽ راڳ روپ جو مرڪز رهيو آهي ۽ ڪيترين ئي تنظيمون، آرٽ

سرڪلون جڙيون آهن تن سڀن سان سائينءَ جو گهرو تعلق ۽ نمايان حيثيت رهي آهي. پاڻ شاهه لطيف آرٽ سرڪل نصيرآباد جا جوائنٽ سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ ان سان نيائينديءَ شهر ۾ به اسٽيج پلي " پاٿاريدار" تاريخ 13 فيبروري 1983ع ۾ ۽ ٻيو "سزا" سال 1981ع ۾ ٿي گذريا جن کي اڄ تائين ماڻهو ياد ڪندا رهن ٿا تن جو پروڊيوسر به سائين جبار تاثيرئي رهيو. ان کان علاوه "سگا" شاخ نصيرآباد جو رابطه سيڪريٽري ۽ سنڌ جي پلوڙ اديب ۽ بيباڪ صحافي فقير محمد لاشاريءَ جي نالي سان منسوب ف. م لاشاري لائبرري جو انچارج پڻ رهي چڪو آهي.

هن وقت سائين سنڌ جي نالي واري ۽ مشهور غزل گو شاعر " گل اهڙي طرح ٿا هوا ۾ لڏن. ڪو هاٿو ڪري ڪو نه ٿو ڪري" جي خالق اسحاق راهي جي نالي سان منسوب "اسحاق راهي ادبي فورم" برانچ نصيرآباد جو صدر آهي.

جبار تاثير سومري جو هي قلمي پورهيو ۽ ڪتاب "آس جا ڏيئا" هر ان پڙهندڙ وٽ ضرور ساپ پوندو جو ته سچي جذبي ۽ خلوص پريو پورهيو ڪڏهن به ضايع ناهي ٿيندو. ڪنهن ڏاهي جو چوڻ آهي ته "انسان پنهنجي هٿن جي پورهئي جي تشريح هوندو آهي."

محبت پائي من ۾ رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن اٽ توريو اگهائيو.

سائين جبار جي ڪتاب "آس جا ڏيئا" ۾ تعارف لکندي ڏاڍي دلي ۽ روحاني خوشي محسوس ڪندي وس آهر ڪاٻه ڪسر ناهي ڇڏي. جو ته مونکي پنهنجي دل جون ڳالهيون لکي سائين جي خيالن جي حيثيت ظاهر ڪندي شيئر ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيو آهي.

سائين تاثير لاءِ دعاگو آهيان ته الله پاڪ کيس سٺي صحت عطا ڪري سندس مان مرتبو وڏائي ۽ قلم ۾ ايتري طاقت ڏئي جنهن سان علم و ادب، ڌرتي ۽ سرتي ڪان ويندي ٻوليءَ لاءِ به لکندو رهي ، نيڪ تمنائن سان گڏ ڪوڙ ساريون منزلون ماڻي "آمين".

**ستار سومرو**
نصيرآباد
15-12-12



# محبت پائي من ۾.....

محبت پائي من ۾ رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن اٽ توريو اگهايو.

فنون لطيفا جي شروعات ۾ئي ادب ۽ فن جو مقصد انسان کي سڌارڻ ۽ تفريح ڏيڻ رهيو آهي ۽ اڳتي هلي ادب روحانيت جي اظهار جو ذريعو به بڻيو. وقت گذرڻ سان گڏ ادب جي هن اصلاحي رخ وڏيڪ اهميت حاصل ڪئي ۽ سماجي، سياسي، قومي، مذهبي، اقتصادي ۽ اخلاقي نظريا به ادب ۾ تشريح هيٺ اچڻ لڳا. شاعري ادب جي اهڙي هم گير ۽ جامع صنف آهي جو ان کي قوم جي مڪمل ميراث چئي سگهجي ٿو ۽ شاعر وري قوم جي مجموعي ميراث جا مالڪ ۽ امين سڏجن ٿا. شاعريءَ جي وسعت ۽ شاعر جي غير معمولي ذات لاءِ ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته " شاعر خدا جا شاگرد آهن".

شاعريءَ جوبنياد حسِ جماليت آهي ۽ هي حسِ جماليت شاعر کي اهڙو شعور بخشي ٿي جو هو پنهنجي دور جي بدصورتيءَ ۾ خوبصورتي تلاش ڪندو رهيو آهي. شاعر پڙهندڙ جي گهرن احساسن کي جاڳائي ٿو، جذبن کي متاثر ڪري ٿو ۽ سوچ ۾ سونهن پيدا ڪري روين کي سڌاري ٿو مطلب ته شاعري تقدس ۽ پاڪيزگي جي خواهش، بهتري ۽ عظمت لاءِ تڙپ پيدا ڪري ٿي.

عبدالجبار تاثير جي شاعري ۾ مٿي بحث ڪيل خوبين جا اولڙا نظر اچن ٿا. صوفين ڪان گهڻو پري پر خدا جي شاگرد يعني سيڪڙات پرائمري جي شاگرد جي اک سان ئي سهي جڏهن هو پنهنجي آس پاس جي ماحول تي نظر ڦيرائي ٿو ته هن کي پنهنجي دور جي بدصورتي نظر اچي ٿي، تڏهن تاثير تڙپي چوي ٿو:

ڪيس ڪيڏا تا تين هيڏي ڏسو!
روز تا ڪونڌر ڪسن هيڏي ڏسو!

هي پورو نظم قومي جذبي جي اثر هيٺ سنڌ جي سرزمين تي قومي جبر ۽ سازشي ڪاررواين جي بدصورتي جو اظهار آهي جيئن وري چوي ٿو ته:

**غير سان پنهنجن جي ياري ٿو ڏسان،**
**تاڙ ۾ بيٺو آ ماري ٿو ڏسان.**

ماحول جي اهڙي بدصورتي ۾ وري تاثير فطرت ڏي واپس موٽي ٿو ۽ آخرڪار خوبصورتي ڳولي لهي ٿو جيئن لکي ٿو تہ:

**اُها روشني چنڊ تارا وٽڻ تا،**
**سچي رات ارا نظارا وٽڻ تا.**

هن نظم ۾ فطرت جو حسن، يادن جي سندرتا ڪان وٺي سندس ذات سونهاري سنڌ، ان جي تاريخ ۽ سنڌين جي وٽڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو.
تاثير جي انيڪ نظمن ۾ ماڪ ۾ پنل چانڊوڪيءَ جون راتيون، مٽيءَ جي مهڪ ۽ محبوب جي وڇوڙي جي ورلاپن ۾ دکندڙ درد بہ آهي. هي غم ۽ خوشيءَجو گڏيل تاثر تاثير جي شاعريءَ جو بنيادي تاجي پيٽو آهي جيئن لکي ٿو تہ:

**وري عيدون پيون ٿينديون، نہ مان هوندس نہ تون هوندين،**
**مندون ساڳيون پيون ايندين، نہ مان هوندس نہ تون هوندين.**

**سهڻا آهن هي سانورا ماڻهو،**
**چڻ تہ ڪڪرن جا چانورا ماڻهو.**

**ارمان ڪنيون وجان ٿو مون ڪان پڇڻ نہ آئين!**
**منهنجي دل جو گلشن ئي اجڙي ويو آ.**

**وئي هر ادا مونکي تنهنجي وٽي آ،**
**قدم قرب اراوا اسان ڏي کٽي آ.**

**نيڻ ڪٽي جيئن ڪلندي آهين،**
**مونکي ڏاوو وٽندي آهين.**

**توکي کهڙي کل، ڪيئن گهاريان ٿي!**
**مان روئندي رات گذاريان ٿي.**



**مون ڏي هر هر ڏسندي ڪر تون،**
**مرڪي مرڪي ملندي ڪر تون.**

**توکي جڏهن مان ڏسندي آهيان،**
**خوش ٿي کلندي وتندي آهيان.**

تاثير بہ پاڻ کي روايتي سنڌي شاعري جي اندازِ خطاب کان بچائي نہ سگهيو آهي، جو ڪيترن ئي نظمن ۾ عورت جي روپ جو اظهار ڪري ٿو جيئن مٿين حوالن مان صاف ظاهر آهي. دنيا جي گهڻي ڀاڱي هر زبان جي شاعري ۾ مرد عاشق ۽ عورت محبوب هوندي آهي پر ڪجهہ زبانن ۾ اهڙي شاعريءَ جا مثال بہ ملن ٿا جن ۾ عورت ئي عاشق ۽ عورت ئي محبوب هوندي آهي، جيئن يوناني شاعري آهي، پر ان جي ابتڙ فارسي شاعري ۾ مرد ئي عاشق آهي ۽ مرد ئي محبوب آهي. اهو جنس پرستي نہ پر خدا جو تذڪرو آهي. فارسي شاعري ۾ مرد ئي حقيقي ۽ مجازي خدا آهي پر اپکنڊ جي ويدانتي شاعري ۽ صوفياڻي شاعريءَ ۾ عورت عاشق ۽ مرد محبوب رهيو آهي. هندو شاعرن رادا جي روپ ۾ پنهنجي پڳوان سان عشق جو اظهار ڪيو آهي سندس ڪلاسيڪي شاعري ۾ بہ سنڌي صوفي شاعرن عورت جي زبان ۾ پنهنجي عشق مجازي، عشق حقيقي ۽ پنهنجي روحاني تجربن جو اظهار ڪيو آهي. شاهہ لطيف جي شاعري ان جو چٽو مثال آهي. سسئي، سهڻي، مومل، نوري، ماروي، سورٺ ۽ ڪونئرو جا ڪردار لوڪ داستانن ۾ ۽ شاهہ سائين جي شاعري ۾ عورت جي عاشق هئڻ جا مثال آهن. هن اسلوب بيان جا سماجي ۽ مذهبي ڪارڻ آهن. اللهہ ۽ ديوتائن جو تصور مذڪر آهي تہ انسان عورت جي روپ ۾ ئي ان سان محبت جو اظهار ڪري سگهي ٿي. عورت جو ڪمزور هئڻ، ذهني غلام هئڻ، وفادار ۽ محبت ۾ سچي هئڻ واري ڳڻ کي سچائيءَ جي علامت طور ڳائجي ٿو ۽ صوفي شاعرن عورت جي طلب، تڙپ ۽ غلامانہ وفاداري کي ڏسندي عورت جي روپ ۾ اللهہ سان بندي جي پيار جو اظهار ڪيو ۽ اهڙي طرح شاعريءَ ۾ صوفيءَ جو عورت بڻجي عشق جو اظهار ڪرڻ جي روايت پئي ۽ تاثير بہ هڪ سنڌي هئڻ جي ناتي سنڌي شاعري جي مجموعي روايت ۽ لطيف سائين جي شاعري جي خصوصي روايت کان واقف ڏسجي ٿو ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ بہ ان روايت کي ورجائي ٿو جيئن لکي ٿو تہ:

تنهنجي راھ نهاريان ويٺي،
پل پل توکي ساريان ويٺي.

تاثيرجي شاعري ۾ درد جو دور به پسجي ٿو ۽ شايد درد جو سفر ڪري ڏک جي پڇاڙي تي پهتو آهي. محبوب جي وڇڙڻ جي درد ۾ انسان دکندي دکندي ايترو اجرو ٿي پوي ٿو جو هو خود حقيقي محبوب ماڻي وٺي ٿو. هي درد انسان ۾ روحاني معراج عطا ڪري ٿو ۽ پوءِ دنوي شيون بي معنىٰ بڻجي پون ٿيون ۽ انسان انهن سڀني ڪان ۽ خود پاڻ کان به اڳتي نڪري ويندو آهي. اهو درد انسان کي اعلىٰ شعور عطا ڪري ٿو ۽ شين جي حقيقت روشن ٿي پوندي آهي. اندر ۾ نڪار اچي وڃي ٿو ۽ انسان کي اهو شعور اچي وڃي ٿو ته هن پنهنجو دنوي وجود ڌرتي، قوم، ٻولي ۽ پنهنجي ثقافت کانسواءِ ڪجھ نه آهي پر ان ڪُل جي خبر آهي ۽ حقيقي معنىٰ ۾ ڪائنات ۽ انجي هر شيءِ وانگر خود انسان به ان ڪل جو مظهر آهي...

ايوانن ۾ ويهڻ وارا سنڌ جو هي نقصان ڏسي وڃ!

هن سنڌ جي خاطر مان جيئڻ ٿو چاهيان،
هن سنڌ جي خاطر مان مرڻ ٿو چاهيان،
ڌرتيءَ جو قسم خونِ جگر سان "تاثير"
هن سنڌ جي تاريخ لکڻ ٿو چاهيان.

يرا! عشق کي آسان متان ڪو سمجهي،
هي درد آ درمان متان ڪو سمجهي،
جي سجدو ڪبو آ خدا کي ئي ڪبو،
انسان کي يزدانُ متان ڪو سمجهي.

شاعريءَ جي بنيادي خوبي پيار ۽ محبت آهي هن خوبي کان وانجهيل ماڻهو شاعر نه ٿو ٿي سگهي. تاثير کي به پيار ۽ محبت جو روڳ پراڻو آهي. حسن پرستي ۽ پيار سطحي ماڻهن لاءِ ته چڱو معاملو پل نه هجي پر شاعر جي شاعري کي هي جذبو زندگي بخشي ٿو. مزاحمتي شاعري ۾ هي جذبو هجي نه هجي پر تخليقي شاعريءَ جي عظمت جو ڪارڻ پيار ۽ محبت ئي آهي. شاعرن وٽ ۽ خاص طور صوفي شاعرن وٽ



حسن ۽ پيار جو هڪ خاص تصور آهي. الله ۽ انسان جي تعلق جو بنياد به پيار ۽ محبت جو تعلق آهي. دنيا جي سڀني مذهبن جو عقيدو الله جي عبادت آهي ۽ عبادت جو جذبو محبت ۽ پيار جي جذبي مان جنم وٺي ٿو. دل ۾ جيڪڏهن پيار نه هجي ته عبادت نه ٿي ڪري سگهجي. خدا جي خوف کان انسان ان جي نالي تي قرباني ته ڏئي سگهي ٿو پر دل سان ان جي عبادت نه ٿو ڪري سگهي. صوفين ۽ شاعرن وٽ محبت سڄي ڪائنات ۾ جاري ساري ۽ سڀني انسان، جاندارن ۽ مادي شين کي پاڻ ۾ جوڙي رکڻ واري قوت تصور ڪن ٿا. صوفين جو چوڻ آهي ته الله خود پيار آهي ۽ انسان کي ان جي عبادت لاءِ جيڪا قوت مائل ڪري ٿي اها به پيار ئي آهي. هاڻي جڏهن ته الله ۽ انسان ٻئي پيار آهن ته چئي سگهجي ٿو ته پيار ئي پيار سان پيار ڪري ٿو. صوفين جي نظر ۾ الله جي حقيقي عبادت ورد وظيفه، مراقبا ۽ مجاهدا، روزا ۽ نمازون، حج ۽ زڪوات نه آهي. الله جي حقيقي عبادت هي آهي ته انسان الله جي هر ننڍي وڏي مخلوق جيڪا الله جو مظهر آهي، جنهن ۾ خود انسان به شامل آهي ان تي غور ڪري.

توسان جڏهن مان ملندو آهيان،
شعر تڏهن مان لکندو آهيان.

مون ڏي روز نهاري ٿي پئي،
ماري روز جياري ٿي پئي.

پاڻ لکان ٿو تنهنجو ناڻؤ،
تون ئي منهنجي ذات ۽ ڏانؤ.

پيار کي زندگي جو اعلىٰ ترين مقصد مڃڻ کان پوءِ پيار جي پنهنجي هڪ الڳ حيثيت کي نه ٿا مڃين پوءِ شاعر هڪ اهڙي حقيقت کي مڃين ٿا جا پيار کان به اعلىٰ آهي ۽ پيار جو سبب بڻجي ٿي هيءَ حقيقت حسن آهي. حسن جسم کان اڳتي، خوبين جو حسن، وصفن جو حسن، مخلوق جو حسن به خالق جو حسن آهي. الله جي پوري مخلوق حسين آهي ۽ الله پنهنجي مخلوق سان ان ڪري به پيار ڪري ٿو جو مخلوق جو مادي حسن به ان خالق جي پنهنجي غير مادي حسن جو اظهار آهي. حسن ۽ اهڙو پيار جنهن جو ڪارڻ وري حسن آهي اهو ادب ۽ فن جي تخليق جو ڪارڻ

آهي. روح جي الله لاءِ ڪشش ۽ الله جي انسان لاءِ ڪشش، ٻنهي جي هڪ ٻئي لاءِ ڪشش، ٻنهي جي هڪ ٻئي لاءِ محبت جي ڪري آهي.

تاثير جي هن شاعري جي مجموعي ۾ انيڪ موضوع ملن ٿا. منظر نگاري به آهي جيڪا سماج جي عڪاسي ڪري ٿي. ڪردار نگاري به آهي پرڪردار نالن کان واجهيل آهن. ڪٿي سهٽي سوچ ۽ لوچ وارو ڪردار آهي ته ڪٿي اهڙو به ڪردار آهي جنهن جي لوڏ به لک لهي ٿي. ڪي وري رنگين جذبن ۾ جوت وارا ڪردار آهن، ڪن جا حوصلا اوچا ۽ ارڏا. ڪن جون محبتون من مهٽيون، ڪن جا وڙ سوڙا ته ڪي ڪوڙا. ڪي موج مستي ۽ مدهوشي وارا جيئڻ لڪي ٿو ته:

مستن ۾ آ چوبول متو اي ساقي،
مئخاني جو در کول اُجارا آهن.

پڄاڻي کان پهرين ڪجهه عبدالجبار تاثير سان ذاتي طور سنگت جي ڳالهه ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. سنگت جو هي ڏگهو سفر لڳ ڀڳ 33 سالن تائين پهچي ٿو. انهيءَ پوري عرصي ۾ وڇڙي ملڻ ۽ ملي وري وڇڙڻ به ٿيندو رهيو پر ڪڏهن به هن تند کي ٽٽڻ ڪونه ڏنوسين. هن ڳانڍاپي ۾ بهتر ڪردار ۽ ڪوشش دوست تاثير جي رهي آهي. هي نوڪري بهاني به پنهنجي محدود ماحول ۾ قيد رهيو ۽ اَءُ سڄي سنڌ لتاڙي چڪو آهيان. سنگت کان سواءِ اسان جو ادبي ڳانڍاپو به ڪتابن جي ڏي وٺ سبب قائم رهيو. هن سڄي سفر ۾ مون تاثير کي سنو ۽ پرخلوص دوست محسوس ڪيو آهي جيڪو سنگت جي خوشحالي ۽ ترقي لاءِ پرخلوص ۽ دعاڳو به رهي ٿو ته خوش به ٿئي ٿو. الله ڪيس خوش رکي ۽ ڪيس قلم ۾ علمي پورهئي جي سگهه قائم رکي.

**سليم پتو "لطيفي"**
ڪراچي
20-12-12





# مان ۽ منهنجي زندگي ...

ڪلهوڙا خاندان جي آخري حڪمران ميان نصير ڪلهوڙي پاران آباد ٿيل شهر نصيرآباد جي شيخ محلا ۾ ٽپال ڪاتي جي هڪ ننڍڙي ملازم محمد ادريس سومري جي غريباڻي گهر ۾ اسڪول رڪارڊ موجب 15 جون 1953ع ۾ منهنجو جنم ٿيو.

پرائمري تعليم پنهنجي ئي شهر ۾ پٽي کان ٻي درجي تائين مسلم پرائمري اسڪول ۾ ٽين کان پنجون درجو لوڪل بورڊ اسڪول جيڪو هن وقت "مين پرائمري اسڪول" آهي مان پاس ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول نصيرآباد جيڪو هن وقت " هندو پئنچائت" جي جاءِ آهي ۾ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخلا ورتي. ننڍڙي لاڪون رنگين پينسلن سان آڏيون ٽيڏيون تصويرون ٺاهيندي ان وقت اسڪول ۾ ڊرائينگ ٽيچر سيد شمس الدين شاهه جي صلاح سان انٽر ڊرائنگ جو امتحان سال 1966ع ۾ ڪلاس ستين ۾ ئي پاس ڪري سنڌ جي مڃيل تعليمي درسگاهه گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ ڪلاس انين ۾ داخلا ورتي سال 1969ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. اهڙي طرح وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پرائيويٽ طور گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو جيڪو هن وقت سنڌ جي پلوڙ ۽ عوامي شاعر "استاد بخاري ڊگري ڪاليج" سڏجي ٿو ، مان سال 1974ع ۾ انٽر، 1977ع بي اي ۽ سال 1983ع ۾ ايم اي "اسلامڪ ڪلچر" جا امتحان پاس ڪيا آهن.

تعليم جو سفر جاري رکندي پنهنجي ضلعي لاڙڪاڻي جو رخ ڪيو ۽ سنڌ جي سابق وزيراعليٰ جناب اختر علي جي قاضي جيڪو گورنمينٽ لا ڪاليج لاڙڪاڻي جو پرنسپال هو سندس ايام ڪاريءَ ۾ ايل ايل بي جو امتحان سال 1985ع ۾ ڏئي سنڌ يونيورسٽي جام شورو مان قانون جي ڊگري حاصل ڪئي. سال 1977ع ۾ گورنمينٽ ڊي سي هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان بي ايڊ جو امتحان پاس ڪري علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد مان ڊگري پڻ حاصل ڪئي آهي. وري پروفيشنل تعليمي امتحان

هن ڳوٺ جو چڱو مڙس رئيس علڻ خان لغاري هو ۽ سندس رهائش ڏگري ڪاليج دادو روڊ تي هئي جتان هر آچر تي ڳوٺ اچي فيصلا ڦڙا ڪندو هو. آءُ بہ خيرپور ناٿن شاھ لڳ ڳوٺ راوت خان لغاري جي رئيس اشرف خان لغاري ڪان خط وٺي وڃي رئيس علڻ خان سان ملاقات ڪري ڳوٺ ۾ هڪ نئين ماستر طور واقفيت ڪرائي. صبح ٿيڻ تي پاڻ سان گڏ هڪ جيپ ۾ ويهاري ڳوٺ حاجي خان آندو اتي سندس ڀاءُ منل خان لغاري جي اوطاق تي مون لاءِ رهڻ جو بندوبست ڪيو. جتي رئيس اڪبر خان لغاري جيڪو سندس پٽ ۽ سندس ڀائيٽي سڪندر علي خان سان ويجهڙائي ٿي. رئيس اڪبر خان ايم اين اي ٿي گذريو ۽ سڪندر علي خان پهريان مختيارڪار بعد ۾ ٻئي پيرا يونين ڪائونسل ڊرگھ بالا جو ناظم رهي چڪو آهي. سياست ۾ سندن چڱو خاصو مقام رهيو آهي. وري ڳوٺاڻن ۾ شمس الدين عرف "شمو" خان پنهور، اسحاق پنهور، رمضان ۽ محمد امين پنهور منهنجا سٺا دوست ثابت ٿيا. محمد امين پنهور اي ڊي او ايجوڪيشن ٿو رهيو ۽ پوءِ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ميرپور خاص مان رٽائرمينٽ وٺي هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهائش پذيرآهي. وري شاگردن ۾ لياقت لغاري، نادرعلي ۽ سندس ڀاءُ صغير علي لغاري ڏاڍا ذهين ۽ سلڇڻا شاگرد هئا. ڳوٺ حاجي خان مان هر پندرنهين ڏينهن منهنجو پنهنجي ڳوٺ اچڻ وڃڻ پيو ٿيندو هو. شام جو وقت ڳوٺ جي پرسان "گاج نئين" جي پيٽ ۾ سڪيءَ تي والي بال راند ڪندي گذرندو هو. اهو سلسلو لڳاتار هڪ سال تائين رهيو.

سال 1972ع ۾ منهنجي بدلي پنهنجي ئي ضلعي لاڙڪاڻي جي گورنمينٽ مڊل اسڪول ڳيريلو ۾ ٿي جتان 73-1972ع ۾ "ڊي ٽي سي" ٽريننگ لاءِ گورنمينٽ ٽريننگ ڪاليج سڪرنڊ ۾ منتخب ڪيو ويو، جتي مسٽر ثناءُ الله سومرو شڪارپور تہ وري گلزار احمد سميجو دادوءَ ڪان ٽريننگ ڪرڻ لاءِ پهتا جيڪي منهنجا روم پارٽنر رهيا. شام جي وقت هاسٽل ڪان سڪرنڊ شهر پهچي لطيف پارڪ سامهون سنڌ ڪتاب گهر جنهن جو مالڪ سنڌ جو سڃاڻ شاعر اديب جناب خاڪي جويو هوندو هو ۽ ان سان گڏ سندس ڀاءُ ناميارو ادب دوست تاج جوئي سان ڪچهريون ڪندي گذرندو هو. جن وٽان پڻ علمي ادبي ڄاڻ ۾ اضافو ۽ شوق پيدا ٿيو.



ڊي ٽي سي " ڊرائنگ ٽيچرس ڪورس" سال 1973ع گورنمينٽ ٽريننگ ڪاليج سڪرنڊ ۽ ايم ڊي "ماسٽر آف ڊرائنگ" جا امتحان گورنمينٽ نارمل ٽريننگ اسڪول حيدرآباد سال 1980ع ۾ پاس ڪيو آهي.

سال 1969ع ۾ پنهنجي مامي مرحوم عبدالخالق سومري جي ڌيءُ ۽ اسحاق راهي جي ڀائيٽيءَ سان نڪاح ٿيو ۽ ازدواجي زندگيءَ جي شروعات ٿي. شاديءَ ڪان سنت ئي گهر جو ۽ غريب ابي جو سهارو بڻجي گهر جو چرخو هلائڻ لاءِ ميهڙ ۾ سيٺ محمد سليمان شيخ جي دڪان تي ماهوار چاليھ روپين تي مزدوري ڪرڻ لڳس. اتان وري پنهنجي ئي شهر جي بهاردين شيخ ۽ تاج محمد شيخ جي دڪانن تي بہ ساڳي ڪار رهي. صبح ڪان شام تائين سخت محنت ۽ مشڪت ڪندي پورهئي جي پگهر مان پيٽ پاليندو رهيس. اهڙي سخت محنت ۽ جفاڪشيءَ سان زندگي جي انهن ڏکن ڏاکڙن واري سفر مان اها ڄاڻ ملي تہ هڪ مزدور ڪيترين ئي پيڙائن ۽ ڪٺن مرحلن مان گذرندي زندگي جو گاڏو ٿو گهلي! تڏهن وڃي مونکي بہ "الڪاسب حبيب الله" وارو فلسفو سمجھ ۾ آيو.

عام چوٽي آهي تہ "گهر جي پاتين ۾ ڪنهن نہ ڪنهن جو ڀاڳ سوايو هوندو آهي" اهڙي طرح شاديءَ ڪان پي سال 1971ع ۾ ڊرائنگ ٽيچر جو آرڊر مليو. 5 نومبر 1971ع ۾ ڳوٺ حاجي خان تعلقو جوهي ضلعي دادو ۾ منهنجي نوڪري بحيثيت گورنمينٽ ملازم طور ٿي. هي ڳوٺ جوهيءَ ڪان اولھ طرف ڪاڇي جي علائقي ۾ واقع آهي. ڪاڇي جي هن ڳوٺ ۾رهندي مون محسوس ڪيو تہ هتان جو عوام ڪهڙي نہ اڙانگي رستي تي روان دوان آهي! ماڻهو زندگي جي بنيادي سهوليتن ڪان بنهہ محروم آهن، جتي نہ روڊ رستا نہ بجلي ۽ نہ وري ڪو پاڻيءَ جو معقول نظام. ڳوٺ جي اتر ۾ هڪ وڏو تلاءُ موجود هوندو هو جنهن ۾ برسات جو پاڻي ڪٺو ڪري ماڻهو ۽ جانور پيئندا ۽ استعمال ڪندا هئا. اڪثر ماڻهن جو حال مسڪيني هو برسات وسي تہ اوج ئي اوج نہ تہ ڏکن ۾ ويتر اضافو هوندو، تنهن هوندي بہ هرڪو پنهنجي حال تي مست ۽ الله جي رضا تي راضي رهي پيا زندگي جو گاڏو گهليندا.

هتي جا ماڻهو قربائتا، ڪل مک، ٻک بدحالي هوندي بہ آئي جو آڌر ڀاءُ ڪرڻ ۽ مهمان نوازي ۾ حال آهر خدمت ڪرڻ سندن شيوو هو. ڪچهرين جا ڪوڏيا، محنت ۽ وفاداري سندن جذبي ۾ شامل هوندي هئي.

هڪ سال جي ٽريننگ پوري ڪري وري بہ ساڳي اسڪول گيريلي ۾ مقرري ٿي. علم و تدريس جو اهو روشن ڏيئو، ڏيئي مان ڏيئو ٻاريندو مڊل اسڪول واسو ڪلهوڙو، گورنمينٽ هاءِ اسڪول نصيرآباد، وارهہ، باڍهہ، ڳاجي ڪهاوڙ ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول موندر لاڪا تائين پهتو. هن ئي اسڪول مان سينيارٽي تحت ”ڊائريڪٽر آف اسڪول ايجوڪيشن“ لاڙڪاڻو ۾ رجسٽرار ڊپارٽمينٽل ايگزامنيشن مقرر ٿيس. جيئن تہ رجسٽرار جي پوسٽ سينڪشنڊ نہ هئڻ سبب گورنمينٽ هاءِ اسڪول آريجا ڦيڙو ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٻهارپور لاڙڪاڻو مان ڊيٽيلمينٽ تي ڪم ڪندو رهيس. هن وقت منهنجي پوسٽنگ ٽائيم اسڪيل حاصل ڪندي گريڊ 19 ۾ موسٽ سينيئر ڊرائنگ ماسٽر طور گورنمينٽ هاءِ اسڪول رشيد وگڻ ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهيان. رٽائرمينٽ ۾ باقي ڪجهہ مهينا وڃي بچيا آهن. هتي جو هيڊ ماسٽر جناب حمزه خان ڪلهوڙو کان علاوه عبدالعلي وگڻ، اشفاق لاڪو سميت سڀجي عملي ٻاران لاتعداد محبتون ۽ سهڪار رهيو آهي جن جو تہ دل سان شڪر گذارآهيان، خدا تعالىٰ کان دعاگو آهيان تہ باقي وقت بہ خير سان گذري.

## ادبي سفر.......

ننڍڙي عمر ۾ئي پنهنجي مامي مرحوم اسحاق راهي جي ڪتابن جي اٿل پٿل ڪندي سنڌس شاعري پڙهندي ادبي چاڻ ۾ ويتر اضافو ٿيو ۽ مامي راهي منهنجو ادبي ذوق پرکي هڪ ٻار جيان منهنجو پتڪڙو هٿ پڪڙي ادبي راهہ تي هلڻ سيکاريو.

ميهڙ شهر هونءَ بہ علمي ادبي سرگرمين ۾ ادب جو گهوارو شهر رهيو آهي هتي ڪيترن ئي شاعرن، اديبن سان واقفيت ٿي ۽ ان سموري سفر ۾ منهنجو سرواڻ اسحاق راهي ئي رهيو آهي، جنهن جي رهائش تي سدائين ميڙا متل رهندا هئا. جتي نشتر ناٿنشاهي، احمد خان مدهوش، بسمل راڏڻائي، محمد نواز ”محزون“، ناظم منگي، عبد مگسي، ڊاڪٽر طفيل مگسي، ڊاڪٽر مظهر درياڻي، ڊاڪٽر غلام عباس مهيسر، ريڊيو ڪمپيئر ذوالفقار هيسباڻي سنڌس ڀاءُ اظهر هيسباڻي، پير شميم جان سرهندي، سنڌس ڀاءُ سليم جان سرهندي، شيخ اسحاق دانش، احمد بخش پتوجو لطيفي، غلام رسول غرق، صرير پنهور، خادم ٽيٻو، وري نصيرآباد مان



سيد بخشل شاهہ، صوفي هدايت الله سوهو، ديدار مغيري، نصرالله قريشي ۽ فلم ٽي وي جا مشهور اداڪار مرحوم غلام حسين ڏيپر، مرحوم وفا پٽي ۽ اسماعيل چانڊيو ڪچهريون ڪندي پيا ڏسبا هئا.

هڪ ڀيري راهي صاحب جي رهائش تي سنڌس ئي موجودگي ۾ ناظم منگي، بسمل راڏڻائي، احمد خان مدهوش ۽ ڪجهہ ٻيا شاعر موجود هئا جتي آءُ بہ نصيرآباد کان اچي پهتس، منهنجي هٿ ۾ هڪ ميگزين هيو جنهن جي سرورق تي مون پنهنجو نالو جبار ”مجروح“ سومرو لکي ڇڏيو هو. ميگزين وٺي احمد خان مدهوش چيو تہ ابا تون وري ڪڏهن کان مجروح ٿيو آهين؟ اهڙا لفظ ٻڌي خاموش ئي رهجي ويس چو تہ سڀني جو توجهہ مون ڏانهن ٿي ويو. احمد خان مدهوش چيو تہ ابا! اڃا ننڍڙي عمر اٿئي ڪجهہ ڪاراءِ پيار تہ تنهنجو تخلص ڪو ٻيو ٿا ڏيون. مون ڊوڙندي کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهہ شيون وٺي آيس. کائڻ پيئڻ کان پوءِ احمد خان مدهوش ٻاران ”تاثير“ تخلص عطا ٿيو. سنڌس چواڻي تہ تخلص جو شاعر جي زندگي تي گهرو اثر رهي ٿو، مامنهن کان پڇ تہ اڄ تائين ڪا راهہ نصيب ٿي اٿئي! يا مونکان پڇ تہ ٻڌايانءِ مونکي بہ ڪو هوش نہ رهيو آهي. هاڻي اڄ کان پوءِ تون ”تاثير“ آهين.

اهڙي طرح مون جبار تاثير سومري جي حيثيت سان مشهوري ماڻيندي واقعي محسوس ڪيو آهي تہ تخلص جو هڪ شاعر يا اديب جي زندگي تي ڪيترو اثر رهي ٿو. مون پنهنجي زندگي شاندار نموني گذاري آهي ۽ هن تخلص منهنجي هن زندگيءَ تي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

شاعري ۾ منهنجو پهريون شعر ٻاراڻي ادب ۾ اڳوڻي ماهوار ”سوجهرو“ ۾ شايع ٿيو جنهن کي پڙهندي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ وڌيڪ لکڻ پڙهڻ جو شوق جاڳيو. پهريان ڪچا ڦڪا شعر جن جو اصلاح بہ مامي اسحاق راهيءَ کان ڪرائيندو رهيس بعد ۾ وقتي طور امتياز عادل کان بہ مدد حاصل ٿي آهي. منهنجي عادت رهي آهي تہ جڏهن بہ ڪاشيءِ لکي آهي اها ڪنهن سڄاڻ، اهلِ علم ۽ ادبي دوستن کي ڏيکاري چند ڇاڻ کان پوءِ ئي شايع ڪرائي آهي پوءِ چونہ ننڍڙو رحمت سومرو ئي هجي.

مون علمِ عروض جي قانونن ۽ قائدن کان آزاد ٿي لکيو آهي. فاعلن، مفاعلن جي قيد و بند کان بي نياز ٿي لکيو آهي پوءِ بہ منهنجي شاعري هر پڙهندڙ کي پسند آئي آهي.

هن اتفاق کي اوهان ڪهڙو نالو ڏئي سگهو ٿا؟

هڪ پاسي منهنجي جنم جو مهينو به جون آهي ته ٻي پاسي مامي سائين اسحاق راهي جو وڇوڙو به جون مهيني ۾ ٿيو آهي. مان پنهنجي سالگرهه ملهايان يا مامي جي ورسي! جيڪو منهنجو محسن، رهبر، منهنجو روحاني ابو ۽ بهترين دوست پڻ هو. جنهن 6 جون 1994ع تي اها راهه اختيار ڪئي جتان اڄ تائين ڪوبه واپس ناهي وريو. سندس يادون، سندس ڪتاب ۽ ڪلام اڄ به زندهه ۽ جاويد آهن. سندس وڇوڙي سان ڄڻ اسان جي شناخت ئي کسجي وئي هجي، ڪيترين ئي مشڪلاتون درپيش آيون جنهن سبب پاڻ به اڪيلائي ۽ ويڳاڻپ جو شڪار رهيس. مايوسي کان بچڻ لاءِ رب جي رضا تي راضي رهڻ سان ئي سچي مسلمانيءَ جو درس ملي ٿو.

شاعر جي دنيا حساس آهي. شاعر پنهنجو درد سهي وڃي ٿو پر پرايو درد سهي ڪو نه ٿو سگهي. درد سهندي سهندي لڙڪ به لڙي ٿا پون جيڪي لفظن جو روپ ڌاري اندر جا اڌما ٻڌجي ظاهر ٿا ٿين. زماني جون ستم ظريفيون، روز مره جون اذيتون، پنهنجي وطن جي ڌرتي ۽ ماروئڙن تي ٿيندڙ ظلم، ڏاڍ ڏمر به شاعري جو روپ ڌاري دل جي پڪار ٻڌجي ظاهر ٿا ٿين. جن کي ڪاڳر تي هڪ شعر جي صورت ۾ تخليق ٿو ڪري جيئن هڪ ماءُ سور سهندي پنهنجي ٻار کي جنم ٿي ڏئي تهڙي طرح شاعر به ڪيترائي سور ڪائي هڪ شعر ٿو لکي.

مون نثر توڙي نظم ٻئي لکيا آهن پر نظم ۾ وري غزل گهڻو لکيو آهي جيڪا مون لاءِ پسنديده ۽ آسان صنف آهي. منهنجي شاعري سنڌجي مشهور رسالن جهڙوڪ: ٽماهي مهراڻ، سرتيون، نئين زندگي، اسلام آباد مان نڪرندڙ ماهوار السنڌ، امرتا، عبرت ميگزين ۽ ماهوار هزار داستان سان گڏ ڪيترين ئي ميگزينن ۽ اخبارن جهڙوڪ: آفتاب، هلال پاڪستان، تعمير سنڌ، خبرون، عوامي آواز ۽ ڪاوش جهڙين مقبول اخبارن ۾ شايع ٿي آهي ۽ ٿيندي رهي ٿي.

پنهنجي زندگي ڪيترن ئي واقعن ۽ حادثن سان ڀريل آهي انهن مان ڪي واقعا ته وسري به وڃن ٿا پر هڪڙا ٻه واقعا اهڙا آهن جيڪي ڪڏهن به نه ٿا وسري سگهن.



منهنجي سئوٽ حمزي جي شاديءَ لاءِ ڄڃ تيار ڪري ڳوٺ "بڪري" تعلقي ڪنڊياري ويندي ڪيڙن جي پتڻ کان سنڌو درياءُ پار ڪندي ٻيڙيءَ جو ڪناري تي پهچڻ کان اڳ ئي وچ درياءَ ۾ ٻڏي پوڻ جنهن سبب پنهنجي خاندان جون سترنهن جانيون اجل جو شڪار ٿيون جنهن ۾ منهنجون ٻه جوان ڀينرون ۽ هڪ ڀاءُ به شامل هو. هي واقعو 4 اپريل 1974ع جو آهي.

ٻيو واقعو به اپريل مهيني جو ئي آهي 24 اپريل 2007ع تي ڇئن دوستن سان گڏ جي ايم سيد جي ورسيءَ تي ڪار ۾ سوار ٿي وڃڻ مهل ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي وچ تي سامهون ايندڙ گاڏيءَ سان اچانڪ ٽڪراءُ ٿيو جنهن ۾ منهنجي جسم جا ڪيترائي عضوا ڀڃي پيا ۽ منهنجي ساٿي اک جو ضايع ٿيڻ به شامل آهي جڏهن ته مونسان گڏ سفرڪندڙن کي معمولي زخم رسيا، مون سان زندگي ۽ موت جي جنگ جاري رهي سچ پڇو ته مون ڄڻ پنهنجو موت قبولي ورتو هو پر الله پاڪ جا لک ڪرم ۽ اڻ ڳڻيا احسان آهن جنهن مونکي حياتي بخشي ڏني آهي. ان کان بعد رب پاڪ عمره اداڪرڻ جي سعادت نصيب ڪئي ۽ خانهٔ ڪعبه ۽ مديني پاڪ ۾ نبي اڪرم ﷺ جي زيارت سان گڏ ٻيون ڪيترين ئي زيارتون ڪري دلي سڪون حاصل ڪيو آهي.

مان گهمڻ ڦرڻ، سيروتفريح جو شوقين رهيو آهيان. پوري سنڌ جا تاريخي ماڳ مڪان، ڪوٽ قلعا، درگاهون درسگاهون، مينار مقبرا مطلب ته ڪاڇي کان ڪارونجهر ۽ ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين سفر ڪري مشاهدا ماڻي ججهي معلومات حاصل ڪئي آهي.

## رب پاڪ کان عطا ٿيل منهنجي اولاد

مونکي پنج نياڻيون ۽ چار پٽ سليم احمد ، نديم احمد ، وسيم احمد ۽ فهيم احمد آهن. خدا جي فضل وڪرم سان ڏوهٽا ڏوهٽيون، پوٽا پوٽيون به آهن مطلب ته الله پاڪ ڪٽي مان ڪيچ ڪري ڇڏيا آهن.

سليم احمد سومرو:

هي منهنجو وڏو فرزند آهي. طبيعت ۾ به پنهنجي نالي جيان سڀاجهو ۽ سياءَ وارو آهي. خوش مزاج، خوش پوش ياري باشي وارو ماڻهو آهي.

سندس تعليم بي اي، بي ايڊ ۽ ايم اي، ايم ايڊ اٿس. هن وقت مون جيان ڊرائنگ ماسٽر جي حيثيت سان گورنمينٽ هاءِ سڪول گاجي کهاوڙ ۾ خدمتون سرنجام ڏئي رهيو آهي.

نديم سومرو:

هي ٻيو نمبر پٽ آهي ايم اي "سنڌي" ، ڊپلوما آف ايسوسيئيٽ انجنيئر "اليڪٽريڪل" ۽ بي ايڊ آهي. پڙهڻ دوران اسڪولن ۽ ڪاليج ۾ پنهنجي سريلي آواز ۾ گيت، نعتون ۽ شاهه لطيف جون وايون ڳائي ڪيترائي انعام اڪرام ۽ ايوارڊ حاصل ڪيا آهن. نيٺ هن جي اندر وارو لڪل فنڪار"سونهن ۽ سپنن جو راڳي نديم سومرو" ظاهر ٿيو جيڪو ريڊيو، ٽي وي ۽ مختلف سنڌي چينلن تائين پهتو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ڊائريڪٽر معروف اديب نصير مرزا پاران آڊيشن بعد اپروو ٿيو جنهن سبب حيدرآباد، خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ريڊيو اسٽيشنن تي سندس ڳايل ڪلامن جو ڳچ تعداد لائبررين ۾ موجود آهي جتان سندس سريلي آواز ۾ ڪيترائي گيت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اڄ تائين ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. اهڙي طرح جناب اعجاز عليم عقيلي پاران پي ٽي وي تان به اپروو ٿيو. ڪوثر ٻرڙو ڊائريڪٽر ريڊيو پاڪستان خيرپور به سندس سريلو آواز ٻڌي لائيو رڪارڊنگ ڪندي ٽي گيت تيار ڪيا جيڪي خيرپور ريڊيو جي لائبرري ۾ موجود آهن. ان ڪان علاوه مختلف ڪيسيٽ ڪمپنين مان 15 آڊيو ڪيسيٽون رليز ٿي چڪيون آهن.

منهنجي هن ڪتاب "آس جا ڏيئا" جو سمورو مواد به هن ئي ڪمپوز ڪيو آهي ڇو ته ڪيس ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ خاصي معلومات ۽ تجربو حاصل آهي.

وسيم احمد سومرو:

هي منهنجو ٽيون نمبر فرزند آهي. طبيعت ۾ شوخي، گهٽ ڳالهائڻ، لٽي ڪپڙي ۽ پهر اوچ ۾ مڙني پيائرن کان سرس آهي. سنڌس تعليم بي اي سان گڏ ٽي ساله ميل نرس ۾ ڊپلوما آهي ۽ هن وقت ايم اي "سوشيالاجي" جي پهرين سال جو شاگرد آهي.

فهيم احمد سومرو:



هي منهنجو چوٿون نمبر ۽ ننڍي ۾ ننڍو فرزند آهي. طبيعت جو سادو، نيڪ نمازي ۽ سلڇڻي مزاج وارو ماٺو آهي. ڪمپيوٽر سائنس ۾ ڊپلوما جو امتحان پاس ڪرڻ ڪان بعد هن وقت سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ايم بي اي جو شاگرد آهي.

پنهنجي اولاد لاءِ هر ان ابي ۽ امان جي دعائن وانگر هميشه رب پاڪ کان دعاگو آهيان ته رب پاڪ هنن جي عمر دراز ڪري ڪين سڻي عزت مان مرتبو ۽ اعلیٰ مقام عطا ڪري آمين.

منهنجو ڪتاب "آس جا ڏيئا" اوهان جي هٿن ۾ آهي. ياءُ سعيد سومرو جيڪو نئين ٿهي جو ناميارو شاعر ۽ اديب آهي جنهن ادبي ميدان ۾ چڱو نالو ڪمايو آهي. سندس جي مهرباني سان ڪنول پبليڪيشن قنبر مان پڌرو ٿيو آهي.

ڪتاب جي ڇپرائڻ لاءِ ڪامريڊ عنايت لوهر، جبار آزاد منگي جنهن ڪتاب جو ٽائيٽل ۽ بئڪ ٽائيٽل تيار ڪيو آهي ان ڪان علاوه لاڙڪاڻي جي دوستن عيسىٰ ميمڻ، رسول بخش "منتظر" سومرو، ميهڙ مان عنايت راهي، عظمت سومري ۽ رحمت سومري ڪان علاوه ڳوٺ وڏا ٽالپر جي سهڻي اديب ۽ شاعر محمد حسين"دلشاد" ٽالپر جو ٿورائتو آهيان جن مونکي سهڻيون صلاحون ڏئي نيڪ تجويزن سان نوازيو آهي.

نهايت ئي ادب ۽ خلوص سان احسان مند آهيان سنڌ جي ٻلوڙ ۽ جماليات جي عظيم شاعر عبدالغفار "تبسم" جو جنهن منهنجي ڪتاب جو مهاڳ لکيو آهي. خوشنصيب آهيان جو مانواري حفيظ ڪنير منهنجي ڪتاب ۽ مون لاءِ به اکر لکيا آهن، پاڻ بهترين اديب، ڊراما رائيٽر، ڪالم نويس ۽ پنهنجي پيشي وارانه صلاحيتن سان انگريزي ادب جو پروفيسر پڻ آهي. شڪر گذار آهيان پنهنجي پراڻي ۽ پياري دوست شاهه لطيف جي جديد شارح ۽ پارکو سليم ٻٽو "لطيفي" جو جنهن پنهنجي خيالن جو اظهارڪندي منهنجي شاعري ۽ ذاتي زندگي تي شاندار روشني وڌي آهي. هي يار به هن وقت ڊائريڪٽر پراپرٽي ٽيڪس ڪراچي آهي. آخر ۾ پنهنجي هر دل عزيز شاگرد عبدالستار سومري جو به احسان مند آهيان جنهن منهنجو تعارف لکي اوهان سمورن پڙهندڙن سان واقفيت ڪرائي آهي. هن وقت هي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نصيرآباد ۾ سنڌي ادب جو پروفيسر آهي.

آخر ۾ پنهنجي پڙهندڙ ساٿين ۽ سڄڻن کي نماڻو عرض ڪندس تہ هي ڪتاب پڙهي مونکي ننڍڙو اديب ۽ شاعر سمجهي منهنجي اوڻاين کي نظر انداز ڪري پنهنجي مفيد مشورن ۽ تجويزن سان نوازين.
آءُ هونءَ بہ ڪو وڏو شاعر ناهيان جي آهيان تہ ڪجھ بہ نہ آهيان.

**ڪــهڙو بہ آهيان مان انسان آهيان،**
**شـــــڪر آ خدا جو مسلمان آهيان،**
**هي پاٽيءَ تي ليڪا حياتي اسان جي،**
**مڃان تو تہ گهڙين جو مهمان آهيان.**


**جبار ”تاثير“ سومرو**

Cell: 0333-7549928-
0306-3413566

رابطي لاءِ:
صدر
”اسحاق راهي ادبي فورم“ - نصيرآباد
پوسٽ شهر ۽ تعلقو نصيرآباد
ضلع قمبر شهدادڪوٽ

## حمد باري تعالىٰ

تون مالڪ جهان جو، تون ڏاتار سائين.
اڙين جو اپوجهن جو، آڌار سائين.

ڏئين روز سڀ کي بـَرن ۽ ٿرن ۾،
نہ وسري ٿو توکان کو لاچار سائين.

هلي تنهنجي حڪمت ٿي ساري جهان ۾،
تون شافي سڀن جو شفادار سائين.

هلي سارو چرخو ٿو تنهنجي طفيلي،
سڄي ملڪ دنيا جو وهنوار سائين.

غرق ٿي ويا هون گناهن ۾ آقا،
بخشش جا آهيون طلبگار سائين.

ملي تنهنجي در کان ٿو پيو گنج سڀ کي،
تون ننڍڙڪا نوازين ۽ نادار سائين.

تڳئون تنهنجي تاري ٿا مالڪ جهان ۾،
بُرا هن اسان جا هي ڪردارسائين.

گهٽيون ئي اميدون هن منهنجون اوهان ۾،
”تا ثير“ جو ٻيڙو تون تار سائين.



## نعت رسولِ مقبول ﷺ

خدا جو آ مُحمّد ﷺ ۽ مُحمّد ﷺ جو خدا آهي،
نہ هي هُن کان جدا آهي نہ هُوهِن ڪان جدا آهي.

رضا جيڪا خدا جي آ، مُحمّد ﷺ جي رضا آهي
نہ هي هُن ڪان جدا آهي نہ هُوهِن ڪان جدا آهي.

خدا جو دادلو دلبر، حبيبِ ڪبريا آهي،
نبين ۾ اتم اعلىٰ مُحمّد مصطفىٰ ﷺ آهي.

ڪِري پيا ڪوٽ ڪسرىٰ جا، چمڻ سان ئي مُحمّد ﷺ جي،
خدا جي راهہ ۾ جنهن سِر ڪيو پنهنجو فدا آهي.

اڪين جي آرزو آهي، ڪري هيڪر خدا پوري،
مدينو شال ڏيکاري اها منهنجي صدا آهي.

وسي آ نور جي بارش، تڏهن عرشِ معلىٰ ڪان،
محمّد مصطفىٰ ﷺ جڏهن ٿيو جلوه نما آهي.

هُو اول آ هُو آخر آ، هُو ظاهر آ هُو باطن آ،
حقيقت خوب ٿو ڄاڻي حقيقت آشنا آهي.

ڪئي مون ورق گرداني، تڏهن ” تاثير“ ٿيو آهي،
ڪلام الله ۾ ڏسبو رڳو تنهنجي ثنا آهي.

**طرح: ”رت جي بوءِ پٿن ۾ آهي ڌرتي آ شمشان قلندر.“**

دل ۾ دل جو درد رکيو ٿم کهڙا توکي سُور سٽايان!
سچ چوڻ تي سُوري آهي يا آهي زندان قلندر!

خاموشيءَ جي مُهر لبن تي، قابو آهن هٿڪڙين ۾.
کهڙو ڪَڇجي کهڙو لُڇجي، ڪُڪِ ۾ آهي ڪانُ قلندر!

ٻُوڙي جڳ کي ڪيئن ٻڌايان، گُونگي دنيا ڇا ورنائي!
تون ئي ڏي ڪو هاٺي منهنجي دانهُن تي ڪو ڌيان قلندر!

امن اڏامي وڪري ويو آ، پوٺو پوٺو پڇري ويو آ،
”رت جي بوءِ پٿن ۾ آهي ڌرتي آ شمشان قلندر.“

ايٿم ايٿمَ سان ٽڪرائي هن دنيا کي آگ لڳائي،
توبهه زاري زندهه دلڙين جو نه ڪري ڪو زيان قلندر!



امن الائي ڪاڏي ويو آ! ڳولي ڳولي ٿڪجي پيو هان،
يانن ڪان بغداد الا ڙي! ليارِيءَ ڪان لبنان قلندر!

ڪهڙو هِن احسان فراموشيءَ کي آخر مان نانءُ ڏيان!
مون سان نيٺ لڙي پيو آهي، منهنجو ئي مهمان قلندر!

نفرت جي هن باهه تي جيڪر محبت جو اڄ مينهن نه پيو جي،
ٻَرُ ٿي ويندين بستيون وستيون ٿي ويندين ويران قلندر!

ڪنهن ڪنهن پنهنجي جان وڃائي آخر پنهنجو مانُ بچايو،
شوق ڪري ڪو وڪڻي آيو آهي پنهنجو شان قلندر!

مون لئہ ٻي ڪا واهه نه آهي تنهنجو پيار پناهون سمجهي،
تڏهن اچي ”تا ٿير“ جهليو آ تنهنجوئي دامان قلندر!

♥

**نوٽ: 14هين آل سنڌ شهبازادبي ۽ تاريخي ڪانفرنس 25 آڪٽوبر 2002ع تي سيوهڻ ۾ پڙهيل.**

## غزلَ

وسنديون ٿيون ويران خدا شل خير ڪري،
ڪيئن ڪري انسان خدا شل خير ڪري.

جيءَ ۾ جاءِ ڏني سون جنهن ڪي سوئي اڄ!
ماري ٿو مهمان خدا شل خير ڪري.

سوچن سات ڇڏيو آ آخر ٿيندو ڇا!!
هرڪو آ حيران خدا شل خير ڪري.

غيرن سان اڄ پنهنجا ڳڏيا يار ڏسو!
ٿيو پنهنجن جو ارمان خدا شل خير ڪري.

اڄ ڪلهه جو انسان ٿيو آ وحشي يــر!
ٿي پيوآ حيوان خدا شل خير ڪري.

هرڪو ماڻهو مارو ٿي پيو ماڻهوءَ جو!
ڪير ڏئي جيئدان خدا شل خير ڪري.

ديس جي ڌرتي رت سان آلي ٿي پئي آ،
آ وحشي ٿيو انسان خدا شل خير ڪري.

نياڻيون سياڻيون ڀينيون آهن پاڻ ڪٽي،
هٿڙن ۾ قرآن خدا شل خير ڪري.

سنڌ سموري سورن ۾ ٿي ڏسجي پئي "تاثير"
ڪا مشڪل ٿئي آسان خدا شل خير ڪري.

♥



جُوءِ مان جهانگي لڏن، پٽ جا ڏٽي ڪاڏي وڃون.
مڇرجي مارِي اڇن، پٽ جا ڏٽي ڪاڏي وڃون.

پنهنجي جهانگيئڙن جا جهوپا باهه ۾ پچرن پيا،
باهه جا پنيٽ ٻرن، پٽ جا ڏٽي ڪاڏي وڃون.

هي ستم ناهي جو پنهنجن جي هٿان پنهنجا مرن!
ڪيئن پيا پنهنجا ڪُهن پٽ جا ڏٽي ڪاڏي وڃون.

پونءِ پنهنجي پنهنجي پيرن مان وڃي ٿي کسڪندي،
غير ٿا ڌرتي تڪن، پٽ جا ڏٽي ڪاڏي وڃون.

ڪهڙيون ڪهڙيون سازشون ٿيون ديس وارن سان ٿين،
ڪيئي پيا ڪونڌر ڪُسن، پٽ جا ڏٽي ڪاڏي وڃون.

ڪير پياري جن ڪي پاليوسين اهي آيا ڏنگڻ،
وير ٿا ويري وجهن پٽ جا ڏٽي ڪاڏي وڃون.

هرڪو ڄاڻي ٿو ته سنڌڙيءَ سان پيا هاڃا ٿين،
پيا ٿا اکين سان ڏسن، پٽ جا ڏٽي ڪاڏي وڃون.

منهنجي سانگين جي مٿان ڏس! وحشي انسانن هٿان،
مينهن جان گوليون وسن پٽ جا ڏٽي ڪاڏي وڃون.

اڄ عمر هن ڏيهه ۾ پيدا ٿيا آهن گهٽا!
مارويون ڪيئن ٿيون بچن، پٽ جا ڏٽي ڪاڏي وڃون.

پنهنجي لفظن ۾ ٿيو "تاثير" آ ڪهڙو الا!
جيءُ ٿا جهوري وجهن پٽ جا ڏٽي ڪاڏي وڃون.

♥

غير سان پنهنجن جي ياري ٿو ڏسان،
تاڙ ۾ بيٺو آ ماري ٿو ڏسان.

چئونڪ تي چوٻول اڄ آهي متل!
پئي ٿئي نيلام ناري ٿو ڏسان.

ڪن کي جيلن ڪن کي ڦٽڪن جي سزا،
اڄ نوان فرمان جاري ٿو ڏسان.

ڏاڍ وارن جي ڏمر ۽ ڏاڍ ڪان،
ڏيهه جي ڌرتي ڏکاري ٿو ڏسان.

هيل سانوڻ ۾ نه ٿيا وسڪار ڪي،
پئي اڏامي ٿر جي واري ٿو ڏسان،

اڄ اُهي ڪڙڪاٽ ککرن ۾ڪٿي!
ڌرتي ساري مان اجاري ٿو ڏسان،

جنهن جي محنت سان پيو پلجي جهان،
ويل ۾ مزدور هاري ٿو ڏسان،

يا خدا اڳتي الائي ڇا ٿئي!
فڪر ۾ آ قوم ساري ٿو ڏسان.

ڪنهن جي وحشت کي ڏسي ”تاثير“ ٿيو،
چئوطرف آ خوف طاري ٿو ڏسان،

♥



ڪِيس ڪيڏا ٿا ٿين هيڏي ڏسو!
روَز ٿا ڪُوندر ڪُسن هيڏي ڏسو!

پنهنجا دشمن ديس جا آهن ٿيا،
پنهنجا جوڌا ٿا ڪُهن هيڏي ڏسو!

ڏاڍ جو ڪيڏو نه ٿيو ڏهڪاءُ آ،
وير ٿا ويري وجهن هيڏي ڏسو!

ظلم جي ٿي انتها ڪيڏي نه آ،
ٿا ستم اُلري اچن هيڏي ڏسو!

منهنجي جهانگيئڙن جي جهوپن جي مٿان،
ڪيئن پيون بجليون ڪرن هيڏي ڏسو!

دودي هوشو ۽ بلاول جي طرح،
سنڌ تان ٿا سِر ڏين هيڏي ڏسو!

هي پيرِ نَرَ شير منهنجي ديس جا،
وقت سان ٿا ويڙهه ڪن هيڏي ڏسو!

وڙهندي وڙهندي پنهنجي ڌرتيءَ واسطي،
ڪي مرن ڪي ٿا بچن هيڏي ڏسو!

هي ته پنهنجي دانهن جو ” تاثير“ آ،
نيڻ ٿا پنهنجا ٿِمن هيڏي ڏسو!

♥

ورهيہ لنگهي ويا تنهنجي لئہ مان واٽن تي واجهايان ٿو،
تنهنجي پار کان جيکي آيا پانڌي روز پڇايان ٿو.

ماڻهن ۾ چوٻول مچي ويندو جي پڌرو پيار ٿيو،
مرڪ چپن تي آٽي منڙا لوڪان لڙڪ لڪايان ٿو.

الفت جي درياءَ ۾ ڏاڍا ڇولين جا ٿو ڇوهه ڏسان،
پوءِ بہ اميدن جي ٻيڙيءَ کي پيارل پار پڄايان ٿو.

پنهنجون اکڙيون آليون آهن، تنهنجي لئہ اٻاليون آهن،
تون ٿڪن ۾ پورو پر مان نيٽين نير وهايان ٿو.

ساوڻ آيو سُور ڏئي ويو، پلپل تنهنجا پُور ڏئي ويو،
اڄ پيي تولئہ اکڙين مان، ڳوڙهن جا مينهن وسايان ٿو.

توجي واعدا وصل جاکيا ها وينين يار وساري کيئن!
لڙڪ اکين جا اگهندي پنهنجا پاند پُسايان ٿو.

توکي کيئن سمجهايان ساجن، ڏينهن ڏين ٽا ڏنپ ڏهاڙي،
دل کي آٿت ڏيئي منڙا راتين جو ريجهايان ٿو.

”تاثير“ جڏهن پيي يار جي در کان پنهنجو گذرٿيو آهي منهنجو،
رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي در دلبر جي واجهايان ٿو.

♥



سنم سِرَ تي پنهنجي سِتمَ کهڙا کهڙا،
ڏهاڙا ڏکن جا ڏنم کهڙا کهڙا.

پڇين ڇا ٿو توکي ڇئي ڇا ٻڌايان!
سِتم سورَ سختيون سَنم کهڙا کهڙا.

وساري ڇڏيا تو کيل قول پنهنجا،
کنيا ها تو مونسان قسم کهڙا کهڙا.

دڳن ۾ وجهي ديد ويهي رهيس مان،
تَکي تنهنجا چارا تَکيم کهڙا کهڙا.

زماني کان چاٽين ٿو منهنجا سڄڻ تون،
بُرا يا ڇڱا کم کيم کهڙا کهڙا.

يلا کنهنکي کهڙي خبر ڇا سَنو مون!
سڄڻ سور دل ۾ اٿم کهڙا کهڙا.

ڏنم دل کي آٿت ڇري تي پئي آ،
وري پُور هيکر پيم کهڙا کهڙا.

ڏنا جيکي تو درد ”تاثير“ کي هن،
سڄڻ دل ۾ سانڍي رکيم کهڙا کهڙا.

♥

غير سان توکي ڏسندو آهيان.
سُور خريدي وڻندو آهيان.

توکي ساري سانوڻ سياري،
سرءُ ۾ سانول سڙندو آهيان.

تون جي نہ ملندو آهين مٺڙا،
اوڙو پاڙو پڇندو آهيان.

تنهنجا خطڙا ۽ تصويرون،
ساهہ ۾ سانڍي رکندو آهيان.

جڏهن سڏيندو آهين سِک مان،
ويندي ويندي ورندو آهيان.

تنهنجو هٿ وٺي مان هٿ ۾،
پنهنجي قسمت ڏسندو آهيان.

لوکان لڙک لکائي پنهنجا،
جيءَ ۾ جِهجندو جُهرندو آهيان.

ڇا بہ ٿئي ” تاثير“ مگر مان،
پيرَ سنڀالي کڻندو آهيان.

♥



هي وڇوڙو سهي نہ سگهنداسين.
جيئرو جڳ ۾ رهي نہ سگهنداسين.

هونئن تہ دنيا سان مُنهن ڏيون ٿا پر!
تنهنجي آڏو کُڇي نہ سگهنداسين.

تنهنجي پوڄا ثواب ٿا سمجهون،
غير آڏو جُهکي نہ سگهنداسين.

تون ستم تي ستم ڀلي ڀيو کر،
توکي کجهہ ڀي چئي نہ سگهنداسين.

موت کي ڀي ٽُڏي ٿا سگهون پر!
تنهنجي آڏو بڇي نہ سگهنداسين.

تون جي راهِ وفا ۾ وڇڙي وئين،
توکي لوچي لهي نہ سگهنداسين.

پيار پنهنجو لکايوسين جڳ ۾،
پر خدا کان هرگز بڇي نہ سگهنداسين.

پنهنجي قسمت کي چئون ادا ” تاثير“
کنهنکي ڏوراپو ڏئي نہ سگهنداسين.

♥

ساقي تنهنجي مئخاني ۾،
سُرڪ نہ آهي پئماني ۾.

آءُ بہ ڪيڏو پاڳل آهيان،
ڇا پيو ڳوليان ويراني ۾.

فرق نظر اڄ آيو مونکي،
ديواني ۾ فرزاني ۾.

تنهنجي آڏو اکڙيون اوتي،
لڙڪ ڏنا مون نذراني ۾.

مسجد کان مُنهن موڙي هيکر،
آيو آهيان بُتخاني ۾.

تنهنجا محل چراغان آهن،
اوندهہ منهنجي خسخاني ۾.

ڪنوٽيون نچنديون ڪڏنديون آيون،
ڪاهي منهنجي ڪاشاني ۾.

ڪهڙو ويهي سمجهائيندين!
هوش ڪٿي آ ديواني ۾.

ساڳيو اڄ " تاثير" ڪٿي آ،
مَستي ڪانهي مستاني ۾.

♥

طرح: هي واءُ لڳو ڪهڙو جو وچڙياسين بهارن ۾.



تيزي آ وڏي ويئي ڏس ڪيڏي شرارن ۾،
گهر منهنجو سڙي ٿو پيو هن مينگهہ ملهارن ۾.

اي دوست! ٻڏايان ڇا طوفان جي شدت ۾،
ٿيو ڪيڏو تصادم آ ڇولين ۾ ڪنارن ۾.

هر طرف وينو ڏسان مان ويو شور مچي آهي،
ڪاٿي آ خوشي ساڳي سانگين ۾ سنگهارن ۾.

ڪنهن ڏاڍ ڪري ڏاڍو ڏهڪاءُ وڌو آهي،
مانڏاڻ مچي ويو آ هن ديس جي مارن ۾.

هي دانهن ڏين ڪنهنکي ڪو ڪونهي ٻڌڻ وارو!
سيءَ ۾ ٿا سُڪن سانگي هن پوهَہ جي پارن ۾.

هر ڏينهن ڏکائي پيو هر رات ستائي پئي،
مشڪل ۾ ڏنم مارو سانوڻ ۾ سيارن ۾.

ڪولڙڪ پيو هاري ڪو آس رکي وينو،
ڪن ڪي ٿو ڏسان آهن پرين جي پچارن ۾.

" تا ثير" نہ ٿو ڄاڻان سوچان ٿو اڃا تائين،
"هي واءُ لڳو ڪهڙو جو وچڙياسين بهارن ۾".

♥

شهر ۾ شور مچي ويو آهي.
ڪو تہ منصور اچي ويو آهي.

ڪائي ديوار نہ آهي خالي،
پنهنجو ڪو نانءُ لکي ويو آهي.

تنهنجي نظرن جي نشاني ڪان ڀلا!
تون ئي ڏس، ڪير بچي ويو آهي.

تنهنجي نيڻن ڪان بچيو ڪو هوندو،
جوبہ آيو سو ڪُسي ويو آهي.

تون رٺو آهين ائين ٿو سمجهان،
مونکان چڻ پاڳ رُسي ويو آهي.

تنهنجي دروازي تي، ڪوديوانو!
لڙڪ نذرانو ڏئي ويو آهي.

ڪو اشارن ئي اشارن ۾ اچي،
مون نہ ڄاتو ڇا چئي ويو آهي.

مون ڏنو خون جگر جو " تاثير"
ڪو نئون رنگ رچي ويو آهي.

♥



منهنجو حال ڏسي وئي آهي،
مونکان پاڻ پچي وئي آهي.

ڪيئن وساريان رات اها جا،
مون وٽ رات رهي وئي آهي.

منهنجي دل جو چين ڪسي هوءَ،
مونکي درد ڏئي وئي آهي.

مُرڪ ڦري مانڏاڻ مچائي،
مونکي لڙڪ ڏئي وئي آهي.

ڳالهين ڳالهين ۾ ويهي هوءَ،
مونکي ڇا ڇا چئي وئي آهي.

هُن ۽ منهنجي پيار جي آخر،
شهر ۾ ڳالهہ هُلي وئي آهي.

مان نہ هيس هوءَ منهنجي درتي،
پنهنجو نانءُ لکي وئي آهي.

منهنجي لحد تي ڏيئو ٻاري،
آس جا گُل رکي وئي آهي.

ڇا چئجي ”تاثير“ اسان جي،
هر ڪا آس ڪُٺي وئي آهي.

♥

ٽيس قيد پھرين ملاقات ۾،
وئي رات گذري حجابات ۾.

قسم سان حياتيءَ کان پيارا اٿم سي،
ڏنا غم الم تو سوغات ۾.

نہ موسم جھڙالي نہ ساونڻ ڏھاڙا،
ڀنا پاند ڳوڙھن جي برسات ۾.

ڦٽي باک پوندي سڄڻ سار لھہ ڪا،
پرين پھچ ھاڻي تون پرڀات ۾.

ڏسان ٿو تہ پونين پساھن ۾ آھن،
ستارا بہ ڏسجن ٿا سڪرات ۾.

وڪوڙي ويا وسوسا ڏينھن جو،
گذاريم سڄي رات فڪرات ۾.

سوين سُور سوداءَ ڳٽيون اداسيون،
مليا توکان ڇا ڇا نہ خيرات ۾.

خيالن جي دنيا ۾ گم ٿي ڏٺوسين،
اچي ويو آ "تاثير" جذبات ۾.

♥



ايئن پنھنجا زلف سنوار نہ تون.
ڪر اھڙا اچ سينگار نہ تون.

ڪي مفت مسافر مار نہ تون،
ڪڻ سِرَ تي يار ميار نہ تون.

جي وڇڙا ھن سي ويندا رھن،
ايئن ماڻھن ڪي بيھار نہ تون.

جو ڏسندو سوئي مري پوندو،
ڪٽي نرمل نيڻ نھار نہ تون.

توکي مان سڄڻ ڳوليندو رھان،
پل وائي ورڻ جي وار نہ تون.

تون رسندين مان پرچائيندس،
پل گڏجي مونسان گھار نہ تون.

مون صدمن تي ھن صدما سٺا،
ڏي ٻيھر ڪي آزار نہ تون.

تون ٿھڪن تي ڏي ٿھڪ ٻَڏا،
اچ لڙڪ اکين مان ھار نہ تون.

"تاثير" اھو تاثير نہ آ،
اچ ان جي لئہ اوسار نہ تون.

♥

سُور سيني ۾ سمايون ٿو وتان.
چڻ تہ ڪي مهمان ٽڪايون ٿو وتان.

تنهنجا خطڙا تنهنجون تصويرون ڪٽين،
لوڪ ساري ڪان لڪايون ٿو وتان.

دل جي دولت ويو ڦري ڇا ٿا پڇو!
لڙڪ اکڙين جا بچايون ٿو وتان.

ڪنهنجي نيٽن سان ملائي نيڻ ٻئي،
اڄ اکڙين جي اجهايون ٿو وتان.

مون رکي آهي گلن جي آبرو،
رنگ الفت جا رچايون ٿو وتان.

پيار واري چاهتن جي شهر ۾،
روز و شب ميلا مچايون ٿو وتان.

چلولائي ڇئجي يا ڇئجي خلوص،
پيار جي دولت ڪسايون ٿو وتان.

من اچي ”تاثير“ ان جي آسري،
نيڻ راهن ۾ وڇايون ٿو وتان.

♥



پلجي ڪاٿي روح جي رلبا هئا،
لڙڪ روڪڻ سان نہ ڪي جهلبا هئا.

جهنگ جهر جهاڳي اچي ملبو هيو،
پُور تنهنجا ڪينڪي پلبا هئا.

لوڪ ڏسندو هو جڏهن توساڻ گڏ،
گهاٽ ڪيئي منهنجي لئہ گهڙبا هئا.

تون جڏهن ٿيندو هئين مونڪان پري،
بس! خدا ڄاڻي وڏا الڪا هئا.

نيٺ هڪڙي ڏينهن ٿينداسين جدا،
مونکي اڳ ۾ئي اِهي ڪُٿڪا هئا.

وقت هو جو تنهنجي منهنجي پيار جا،
شهر جي هر چئونڪ تي چرچا هئا.

دل جي دردن سان ڏسو هيءَ دوستي،
جي رٿل ها، پاڻ ۾ پرتا هئا.

سي نہ اڄ ”تاثير“ ٿا ڏسجن اُهي،
جي سنڌوءَ جي سيرَ تي نڪتا هئا.

♥

سڄڻ ياد تنهنجي ستائي پئي.
وري حوصلا ٿي وڃائي پئي.

چري دل آ ڪيڏي چري ٿي پئي،
تنهنجي در جي چائٺ چمائي پئي.

ڪڏهن سيرَ گلشن جا مونکي ڪرائي،
ڪڏهن مونکي صحرا گهمائي پئي.

هيءَ ناري ندوري اپاڳڻ ازل کان،
ڏسو بخت ڪيئن ٿي ورائي پئي.

بهارن کان نڪري خزائن ۾ پلجي،
اهي رنگ کهڙا رچائي پئي.

متان عشق جي پِڙ اندر پير پايو!
وڏي واڪ سڀ کيِ ٻڌائي پئي.

ڪو غيرت ڪي سمجهائي غيرت منديئو!
اڳيان ڪنهنجي گردن جهڪائي پئي.

هي دستور ڪيڏو نہ آهي نرالو،
ڏسي مونکي مُنهڙو لڪائي پئي.

خبر ناهي اوسيئڙو ڪنهن جو اٿس!
الا! ڪانگ روئي اڏائي پئي.

ٿي اونده مان "تاثير" ٿي روشني،
جڏهن رُخ تان پردو هٽائي پئي.

♥



توڙي مون ساڻ تو وفا نہ ڪئي،
مون تہ ڪنهن ساڻ ڪا گلا نہ ڪئي.

ڪنهن جي آڏو مون التجا نہ ڪئي،
ڪنهن جي در تي ڪڏهن صدا نہ ڪئي.

مان تہ هِن هُن کان پيو پڇان تنهنجو،
تو تہ منهنجي ڪڏهن پڇا نہ ڪئي.

مان دعائون ڪندو رهيس توکي،
مون ڪڏهن توکي بد دعا نہ ڪئي.

تون دغائون ڪيون ۽ فريب ڏنا،
مون دعا ڪئي مگر دغا نہ ڪئي.

مان تہ آهيان مريضِ عشق مگر،
درد منهنجي جي تو دوا نہ ڪئي.

جڳ سڄو آ بيوفا ٿي پيو،
تو بہ "تاثير" سان وفا نہ ڪئي.

♥

وئي هر ادا مونکي تنهنجي وڻي آ،
قدم قرب وارا اسان ڏي کڻي آ.

ويا قول ڪاڏي ڪيا جي تون مون سان،
پلا ڳالهه تو نيٺ ڪهڙي ڳڻي آ.

هوائن وکيري چڏيا وار تنهنجا،
نه ڪا سينڌ سُرمو نه ساڳي ڦڻي آ.

رکيون آسرو وينو آهيان اڃا مان،
صبا! جلد پيغام ان جا کڻي آ.

سوين سُور آيا مڙئي هر طرف کان،
وڃي ڪاڏي دل منهنجي هڪڙي ڄڻي آ.

هئي ڪير ڪاڏي وئي پيو ٿو ڳوليان،
وئي دل جي شيشي تي پٿر هڻي آ.

خبر ناهي ڪهڙي ٿي اربع خطا جو،
رُسي مون کان ويو منهنجي دل جو ڌڻي آ.

مون "تاثير" مجنون جيان صحرا وسايو،
اڃا ٻيو ڇا ٿيندو، اِها ئي گهڻي آ.

♥



سهڻا آهن هي سانورا ماڻهو،
ڇڻ ته ڪڪرن جا چانورا ماڻهو.

ساهه کان سِر کان هي پيارا هن،
منهنجي اکڙين جا آسرا ماڻهو.

شهر وارن جي ڳالهه ڪين پڇو!
ڄڻ ته آهن ڪي اوپرا ماڻهو.

ڪنهن جا نالا ڪٽي ٻڌايان مان،
مون سڃاتا ها ڪيترا ماڻهو.

اڄ هي ڇا ڪاڻ مِڙئي ويا آهن،
منهنجي چوڌاري هيترا ماڻهو.

هاڻ ته هُو ڏيهه ۾ نٿا ڏسجن،
تنهنجا منهنجا سي گهڻگهرا ماڻهو.

تون جڏهين کان جدا ٿيو آهين،
مون تي آيا رهن ٿا آکرا ماڻهو.

اڄ وري آڱريون کڻن وينا ٿا،
تنهنجي "تاثير" تي اُتامرا ماڻهو.

♥

اسان کي نہ پنهنجو بنائي ڀلي ڪو.
پيو زخم دل تي رسائي ڀلي ڪو.

ڊڄي ڪين خطرن کان پٺتي هٽياسون،
قسم سان وري آزمائي ڀلي ڪو.

اسان جي ڪڏهن راهہ روڪي نہ سگهندو،
ڪٽي زور ڪيڏو لڳائي ڀلي ڪو.

نہ جُهڪبو نہ ڪي ڏاڍ آڏو جهڪياسين،
سڄو ڏيهہ پيو آ پُڇائي ڀلي ڪو.

اسين بُت پرستيءَ کان بيزار آهيون،
خدا وقت جو پيو سڏائي ڀلي ڪو.

سهي وڄبا پنهنجي سيئي وار سِرتي،
پيو گولين جي بارش وسائي ڀلي ڪو.

اسان سِر جو سانگوئي لاهي ڇڏيو آ،
سڏي سِر اسان جو ڪَٽائي ڀلي ڪو.

رکي جيڪو ”تاثير“ تلوار جهڙو،
قلم اهڙو بيشڪ وهائي ڀلي ڪو.

♥



پئجي ويا پوهہَ جا پارا آهن.
آيا نہ اڃا تائين پيارا آهن.

جي آس رکي ويٺا ازل کان آهن،
سي نيڻ اڃا تائين اجُارا آهن.

تو مونڏي لکي خطڙا ڪيا جيڪي روانہ،
مون ڪي تہ اهي ساهہ کان پيارا آهن.

مون پاڻ ڪيو پاڻ کي سِيرن جي حوالي،
ٿي ڏور ويا مونکان ڪنارا آهن.

ڪنهن کي ڏيان ڏوهہ مقدر کي چوان!
ويا ساٿ ڇڏي پنهنجا سهارا آهن.

جن پاڻ کي مقتل ڏي ڇڪي آندو آ،
سي تنهنجي ئي اکڙين جا اشارا آهن.

مستن ۾ آ ڇوڀول متو اي ساقي!
مئخاني جو در ڪول اجارا آهن.

تنهنجي ٿي جڏهن جلوه نمائي آهي،
ٿي مست پيا چنڊ ستارا آهن.

ساڳيا رستا نہ اهي راهون نہ ساڳي منزل،
گم ٿي ويا ڪاٿي چاهہ جا چارا آهن.

جي رنگ محبت جو رچائي جاڻن،
”تاثير“ اهي جيءَ جيارا آهن.

♥

ٻيرين آ جهليو ٻُور هلي اچ هاڻي.
سنجريو آ نئون سُور هلي اچ هاڻي.

مان تنهنجي سهاري تي جيئان ٿو جڳ ۾،
مونکان نہ ٿيءُ وهلور هلي اچ هاڻي.

هن دل جي نہ پڇ ڳالهہ خدارا مونکان،
چاهت کيو آ چُور هلي اچ هاڻي.

مدت کان سڄڻ مونسان مليو ئي ناهي،
جواني وئي ٿيس جُهور هلي اچ هاڻي.

سانوڻ نہ رهيو ۽ نہ رهي هير ڏکڻ جي،
سيارو ٿي پيو سُور هلي اچ هاڻي.

اي بادِ صبا! يار کي پيغام وڃي ڏي،
چالهءِ ٿو رهين ڏُور هلي اچ هاڻي.

" تاثير" اهو کين رهيو آهي قلم،
ٿي پيو آهي مجبور هلي اچ هاڻي.

♥



ساڳيا ڏينهن اچي ويا آهن.
صوفي ٻير لهي ويا آهن.

ساوڪ ٿي چوڌاري آهي،
ڏاڍا رنگ رچي ويا آهن.

نيڻن مان برسات وسي ٿي،
منهنجا پاند پُسي ويا آهن.

جنهن ڏينهن رٺو تون آهين سانول!
مون کان پاڳ رُسي ويا آهن.

دل جي ڌرتي آلي ٿي وئي،
منهنجا نيڻ وسي ويا آهن.

تنهنجي اچڻ جا سهڻل سائين،
هر جا هُل هُلي ويا آهن.

منهنجون خوشيون ساڻ کڻي وئين،
باقي لڙڪ بچي ويا آهن.

سال لنگهي ويا کينکي موٽيا،
پيرو يار پچي ويا آهن.

تنهنجي جيءَ جدائيءَ جهوريو!
منهنجا پاڳ رسي ويا آهن.

ايندا اڄ "تاثير" اڱڻ تي،
جيکي پاڻ چئي ويا آهن.

♥

رنگتون آيون گلن ۾ ٿو ڏسان،
مرڪندي مکڙيون چمن ۾ ٿو ڏسان.

جهومندي آئي چمن ۾ آ بهار،
گل حسينن جي هٿن ۾ ٿو ڏسان.

نيڻ منهنجا تنهنجو اوسيئڙو ٿا ڪن،
ديد پائي مان دڳن ۾ ٿو ڏسان.

عڪس مونکي پنهنجو ايندو آ نظر،
مان جڏهن تنهنجي اکين ۾ ٿو ڏسان.

پيا ٻه دنيا ۾ حسين آهن گهڻا،
مان پرين پڌرو لکن ۾ ٿو ڏسان.

ٿي ٿئي ورڪا گلن جي دوستو!
پو ٻه پنهنجي دل ڏکن ۾ ٿو ڏسان.

لفظ جيڪي تو لکيا ها پيار مان،
تڙپندي لڇندي خطن ۾ ٿو ڏسان.

آئي موٽي ساڳي آ رونق وري،
ڪٽڪ جي سونن سنگن ۾ ٿو ڏسان.

هي ته دعائن جو ٿيو "تاثير" آ،
توکي مان پنهنجي وطن ۾ ٿو ڏسان.

♥



خوشي ڪهڙي خوشي آهي،
رُسي مون کان وئي آهي.

نه ڪا الفت رهي آهي،
نه ڪاچاهت رهي آهي.

ڏسي صورت سڄڻ تنهنجي،
چري ٿي دل پئي آهي.

ڇڏائي ڪيئن سگهان ان کي،
جا قربن ۾ ڪڙي آهي.

وڃي ڪاڏي چوي ڪنهنکي،
هي صدمن ۾ سڙي آهي.

حياتي پر پيو ڳائيندس،
سڄڻ! جا تو ڪئي آهي.

هي پرچڻ سان نه ٿي پرچي،
هيءَ ڪيڏي بي چئي آهي.

محبت آ ڪٿي مصري،
ڪٿي وهه جي ڳڙي آهي.

صبا! گلشن ۾ گلڙن سان،
ڪري ڪا ڳالهه وئي آهي.

پرين "تاثير" کي تنهنجي،
اچڻ جي ڪڙڪ پئي آهي.

♥

دادلي درياءَ جي هستي ڪٿي،
ساڳي آ مهراڻ ۾ مستي ڪٿي.

ڇوھ ڇولين ۾ نہ ٿو ڏسجي اُھو،
ڪاھجي ھاٽي ۽ پلا ڪشتي ڪٿي.

ڏوڙ ٿي اڏري ڏسون وينا پيا،
ٿي وئي ويران آ وستي ڪٿي.

ڪي گھرو دل سان دعائون دوستو!
شلِ ٿئي آباد ڪا بہ بستي ڪٿي.

گلشنِ مهراڻ جو اجڙڻ ڏسي،
آ رُنو آَڪاش ۽ ڌرتي ڪٿي.

سيرَ ڪان وڇڙي ڪُنن ڪان پار ٿي،
ڇولي ڇولي پاڻ ۾ پرتي ڪٿي.

هوريان هوريان لهر ڪان وڇڙي لهر،
ڄڻ ڪناري سان وڃي پرتي ڪٿي.

ٿو ٿيان "تاثير" اڄ حيران مان!
ٿي وڪامي سنڌ ھيءَ سستي ڪٿي.

♥



ڏِس! ڪٽڪن جا اجھي سنگ پچي ويا آھن.
ڪَھڙا ڪھڙا نہ سڄڻ رنگ رچي ويا آھن.

قافلا آيا بهارن جا وري گلشن ۾،
ڏينهن ميلاپ جا اي يار اچي ويا آھن.

ڀيو تہ ڪجھ پيي نہ رهيو آھي حقيقت مون وٽ،
لڙڪ اکڙين ۾ بہ ٿي يار بچي ويا آھن.

مان تہ زلفن کي قسم ساڻ ائين ٿو سمجهان،
تنهنجي ڳلڙن جي مٿان نانگ نچي ويا آھن.

ھن شهرِخموشان ۾ ڪنهن پير ڌريا،
گل ھيَ ڪي مزارن تي رکي ويا آھن.

اٿ مينهن وُٺا گوڙ ڪڪر جو آھي،
ھت منهنجا پرين پاند پُسي ويا آھن.

پاڙي مان پرين پنهنجا جڏھن ٿيا رخصت،
ڄڻ جُوءِ ڇڏي جوڳي اٿي ويا آھن.

پنهنجي پيارن جي سهاري تي جيئان ٿو جڳ ۾،
"تاثير" سي سڀ مونکان رسي ويا آھن.

♥

مونکي تنهنجي ياد ستايو آ.
منهنجي اکڙين مينهن وسايوآ.

ڇو سڏڪا سڏڪا ڇوڏس هن،
ڪنهن گيت غمن جو ڳايو آ.

هر پُور مٿان ٿو پُور پوي،
هڪ درد ويو ٻيو آيو آ.

هن ڏيهه جا ماڻهو ڏائڻ هن،
مون تن کان پيار لڪايو آ.

سڀ تنهنجي نانءَ تي ڏئي وينس،
مون ڪجهه پڇي ڪين نه بچايو آ.

تنهنجي ابرن ڪا دل زخمي ڪئي،
تنهنجي گُهورن ڪنهن کي گهايو آ.

جو توکان مليو غم درد و الم،
مون سيني ساڻ لڳايو آ.

سڄ بيٺي تنهنجي ياد اچي،
منهنجي دل جو در کڙڪايو آ.

ڪنهن لڙڪ اگهيا "تاثير" نه ڪو،
ڪنهن پيي نه اچي پرچايو آ.

♥



نينهن جو ناتو سڄڻ توسان نڀائڻ ٿو گهران،
پيار ۾ توکي پرين پنهنجو بنائڻ ٿو گهران.

دل کي بهلايان ڪٿي، ڪنهن سان رهاڻيون مان ڪيان،
روح پنهنجي کي صنم، تو سان ريجهائڻ ٿو گهران.

نيڻ نيڻن سان ملن، دل کي اچي ڪوئي قرار،
تنهنجي نظرن سان مٺا نظرون ملائڻ ٿو گهران.

پيار جي گلڙن سان دل جو، صحن سينگاري ڇڏيم،
تنهنجي راهن ۾ سڄڻ، اکڙيون وڇائڻ ٿو گهران.

تنهنجي هڪڙي مرڪ تان صدقي ڪجن ساريون خوشيون،
دل جي دولت دلربا ساري لٽائڻ ٿو گهران.

ڏيهه ۾ ڏائڻ نه هڪڙو آ هزارين ٿا سُجهن،
لوڪ کان توکي اکين ۾ مان لڪائڻ ٿو گهران.

دل تي ڇا گذريو ۽ گذريون ڪيئن فرقت جون گهڙيون،
سُور سي سارا سڄڻ توکي سڻائڻ ٿو گهران.

بت پرستي چئي يا ان کي ڪافري "تاثير" ڪو،
تنهنجي قدمن ۾ مٺا سِرڙو جهڪائڻ ٿو گهران.

♥

منهنجا دلبر يار هلي آ.
پايان توکي هار هلي آ.

مند ملڻ جي موٽي آئي،
ڇو ٿيو آهين ڏار هلي آ.

ڇاڪان نيٺ وساري ويٺين،
ساجن لهه ڪا سار هلي آ.

اکڙيون تولئہ آتيون آهن،
دير نہ ڪر دلدار هلي آ.

تون تہ نہ آئين ليڪن تنهنجي،
آئي مون وٽ سارَ هلي آ.

دنيا دشمن ٿي پئي ساري،
ويري ٿيو سنسار هلي آ.

سُرمون سينڌ وساري ويٺس،
وڪريل ڏس تون وار هلي آ.

راڄ جي رِيتن رسمن واري،
ٽوڙي اڄ ديوار هلي آ.

هنڌڙو ڏئي "تاثير" کي هٿ ۾،
ڏيهہ کي اڄ ڏيکار هلي آ.

♥



نيٽين نير وهايان ويٺو.
روئي پاند پسايان ويٺو.

توکي ياد ڪري او پيارا،
پلپل پُور پچايان ويٺو.

آس لڳائي اوسيئڙي ۾،
پانڌي روز پچايان ويٺو.

پيار جي ڳالهہ نہ وسري مونکان،
ور ور ڏئي ورجايان ويٺو.

تنهنجي ياد ستايو آهي،
روئي ڪانگ اڏايان ويٺو.

لوڪان لڙڪ لڪائي پنهنجا،
دل ۾ درد دٻايان ويٺو.

هِيرَ ڏکڻ جي بٽجي آ تون،
دل جو صحن سجايان ويٺو.

پيار جو بادل بٽجي آ تون،
سڪ جو ساز وڄايان ويٺو.

جيءُ جدائيءَ جهوريو آهي،
گيت غمن جا ڳايان ويٺو.

پيار ڪي پيار نہ ٿو سمجهين تون،
پيار ڪري پڇتايان ويٺو.

دل ڪي ڏئي ”تاثير“ دلاسو،
پنهنجو منُ پرچايان ويٺو.

♥



قدم قرب وارا وڌائي ڇڏياسين،
محبت جا ميلا مچائي ڇڏياسين.

ڪٿي اڪ آلي نہ ڪنهن سان ملياسين،
اسان لڙڪ پنهنجا لڪائي ڇڏياسين.

اسان ڪي تہ پنهنجن بہ پنهنجو نہ ڪيوپر!
پراوا بہ پنهنجا بنائي ڇڏياسين.

نہ ڪا مُرڪ منهن ۾ اداسيون اکين ۾،
غمن سان نوان نينهن لائي ڇڏياسين.

ڪڏهن پيار الفت جون ڪولي ڪهاٽيون،
قصا قرب جا ڪي ٻڌائي ڇڏياسين.

توهان ساڻ گڏجي گهمياسين گلين ۾،
رقيبن جا جيرا جلائي ڇڏياسين.

سبق سُور سڪ سوز جو پڙهندي پڙهندي،
سڀئي ورق دل جا ورائي ڇڏياسين.

اسان انتظارن ۾ ”تاثير“ تنهنجا،
سوين روز پانڌي پُڇائي ڇڏياسين.

♥

منهنجي دل جو گلشن ئي اجڙي ويو آ.
مونکان منهنجو محبوب وڇڙي ويو آ.

اجا سُور هڪڙو سهي مس سگهيو هان،
وري سُور نئين سِرکو سنجري ويو آ.

خبر ناهي ڪهڙي خطا ٿي آ مونکان،
بٽيل بخت بالا ٻہ ٻگڙي ويو آ.

اڪين ۾ اجا تائين آلاڻ آهي،
مونکان يار مرڪڻ ٻہ وسري ويوآ.

نہ ڪا سونهن سنسار مان وئي هلي آ،
نہ ڪو عشق دنيا مان اُڪڙي ويو آ.

سپئي خيال خدشن ۾ وڻجي ويا هن،
۽ سوچن جو سامان وڪري ويو آ.

جتان ڏَسُ پيو پاڻَ پُهتس پُڇائي،
خبر پئي هتان هاڻ نڪري ويو آ.

ائين ساھ سيني مان ”تاثير“ ويو جو،
پکي چڻ ڪو پڃري مان اڏري ويو آ.

♥



ارمان ڪنيون وچان ٿو، مونکان پڇڻ نہ آئين،
منهنجي مُئي پُڄاڻان منهن پيي ڏسڻ نہ آئين.

مون درد پنهنجي دل جا دل ۾ ڇڏيا دٻائي،
تون پيي تہ سور پنهنجا مونسان سلڻ نہ آئين.

مونسان ملڻ سِوا تون واپس مٺا هليو وئين،
مون لاءِ منهنجا دلبر تون پيي تہ ڇڻ نہ آئين.

تنها ڪري هليو وئين مونکي سُکن جا ساٿي،
ڏُک درد ۾ دلاسو دل کي ڏيڻ نہ آئين.

شب روز انتظار جا، مونکي عذاب ڏيئي،
مونکي ٻڌاءِ ڇو تون، منهنجا سڄڻ نہ آئين.

محبوب تنهنجي سِڪ ۾ سڪندو رهيس سدائين،
مهمان ٿي ڪڏهن تون مون وٽ رهڻ نہ آئين.

ڇاجي ڪري پلا تون وينين صفا وساري!
پلجي ٻہ ٻي وفا ڪو پيرو پڇڻ نہ آئين.

ارمان آ اهو جو روئندو ڏسي ٻہ پيارا،
”تاثير“ جي ڳلن تان ڳوڙها اگهڻ نہ آئين.

♥

اسان ڏي تون هلي ايندين وڏو احسان ٿي پوندو.
تنهنجو احسان ٿي پوندو اسان جو مانُ ٿي پوندو.

اوهان جو ساٿ جي سهڻا سهارو ڏئي وڃهي مونکي،
حياتيءَ جو سفر مشڪل گهڻو آسان ٿي پوندو.

وڃين ٿو تون وڃين ۽ محفلن ۾ ٿي مگن ويندين،
خبر ٿئي شهر منهنجو، منهنجو گهر ويران ٿي پوندو.

تون ڪاوڙ ٿو ڪرين، مونکي بہ حق آهي تہ ڪاوڙ ڪيان،
محبت ۾ مٺا منهنجو ئي جڻ، نقصان ٿي پوندو.

اوهان ڪان پوءِ مرڪون ٿهڪ پيي جڻ موڪلائيندا،
اسان جي لاءِ سورن جو ڪَٺو سامان ٿي پوندو.

عمل انسان جا ڏسندي ويو حيوان ڪان نڪري،
خبر ناهي ڪڏهن انسان، هي انسان ٿي پوندو.

تون پنهنجي پيار مان آزاد ٿو مونکي ڪرين ليڪن!
حياتيءَ جو پرين هر پهر جڻ، زندان ٿي پوندو.

تون مونڪان يار نفرت ٿو ڪرين ليڪن نہ ٿو سمجهين،
چون ٿا دل تي نفرت جو بہ آ نيشان ٿي پوندو.

گهرين ٿو دل مونکان تون اها دل چيز ڪهڙي آ؟
اشارو ڪرتہ تون، "تاثير" پيي قربان ٿي پوندو.

♥



پل پيي ڪين وساريو آهي.
دم دم توکي ساريو آهي.

توکي تنهنجو وسريل واعدو،
اڄ مون ياد ڏياريو آهي.

ساپيان توڙي سپنن ۾ مون،
تنهنجو نانءُ اُچاريو آهي.

تنهنجي اچڻ جي ويل ڏسي مون،
آس جو ڏيئو ٻاريو آهي.

ساوڻ جي برساتن وانگي،
آب اکين مان هاريو آهي.

تنهنجو پيار جياريو آ مون،
۽ تو مونکي ماريو آهي.

اوجاڳا "تاثير" اکين کي،
ڳٽتين دل کي ڳاريو آهي.

♥

اکڙيون توسان ٿاڻيون آهن.
تڏهن تہ تولئہ آتيون آهن.

شام سويري منهنجي نيڻن،
پاتيون تولئہ جهاتيون آهن.

تنهنجا ڳڻ ۾ ڳالهيون ساجن،
منهنجي رڳ رڳ ڳاتيون آهن.

پيارا ماٺهو پيار گهرن ٿا،
پياريون جن جون ذاتيون آهن.

ساپيان توڙي سپني ۾ مون،
توکي پاکيون پاتيون آهن.

جيءُ جفائن جهوريو آهي،
مون لئہ ڏينهنَ بہ راتيون آهن.

تو پي سرمون سينڌ کيو آ،
چڻ کي لاتيون کاتيون آهن.

هاءِ خوشيون ”تاثير“ اسان جون،
سورن هاڻ سجاتيون آهن.

♥



تو بہ نہ پيار سڃاتو آهي.
منهنجو نينهن نہ ڄاتو آهي.

منهنجي يار اڱڻ تي پلجي،
تو کو پير نہ پاتو آهي.

توکي کهڙي کل تہ توسان،
کهڙو منهنجو ناتو آهي.

هاءِ خوشيءَ جي موسم ۾ ڪنهن،
گيت غمن جو ڳاتو آهي.

تنهنجو هڪ هڪ سُور سنڀالي،
سيني سان مون لاتو آهي.

تنهنجو مون ” تاثير“ سدائين،
چاهہ چپن سان ڄاتو آهي.

♥

پاڻ لکان ٿو تنهنجو نانءُ.
تون ئي منهنجي ڏات ۽ ڏانءُ.

مَن جو موٽائي ڇو جهول
ڇو ٿو ٿيلهين دل جو ٿانءُ.

آءُ تہ هٿ ۾ هٿڙو ڏيئي،
ساڙيلن جو ساڙيون هانءُ.

ڳوٺ ڳليون جڻ ڳاتا ڳيچ،
وستي وستي جڻ تہ وهانءُ.

پلجي پيي ” تاثير“ کڏهن،
پونءِ سموري پوڳ نہ پانءِ.

♥



توکي جڏهن مان ڏسندي آهيان.
خوش ٿي کلندي وتندي آهيان.

خوشبو واري پين کڻي مان،
خطڙو توڏي لکندي آهيان.

ياد جڏهن تون ايندو آهين،
من ۾ مهکي پوندي آهيان.

ساوڻ رت ۾ توکي ساري،
بارش وانگي وسندي آهيان.

تنهنجون تصويرون ۽ تحفا ،
چاهہ مان ويٺي چمندي آهيان.

تنهنجي پار کان جيکو آيو،
تنهن کان تنهنجو پڇندي آهيان.

منهنجا جاني لکندي لکندي،
خطڙا تنهنجا پڙهندي آهيان.

تنهنجو ڇلڙو يار نشاني،
پيار مان پائي گهمندي آهيان.

هٿ وٺي ”تاثير“ مان تنهنجو،
پنهنجي قسمت ڏسندي آهيان.

♥

ڳيت غمن جا ڳايان ويٺي،
ڳوڙها خوب وهايان ويٺي.

دل ويچاري دردن ماري،
سورن سان سرچايان ويٺي.

تنهنجو نانءُ چپن تي آڻي،
ور ور ڏئي ورجايان ويٺي.

تون سکن ۾ هوندي ساجن،
مان تہ غمن آهيان ويٺي.

پاپي پيار جي ويري جڳ کان،
تنهنجو پيار لڪايان ويٺي.

تنهنجو چلڙو يار نشاني،
پايان لاهيان پايان ويٺي.

ديدون در کان دُور نہ ٿيون دم،
واٿون ٿي واجهايان ويٺي.

ڪنهن تہ چيو ”تاثير“ اچي ٿو،
پاڻ تڏهن ٿي ٿاهيان ويٺي.

♥



رهي رات راٽا روئاري هليو وئين.
خوشين جا خزانا ٻُهاري هليو وئين.

ڪسي يار يادون بہ ويندي ڪٽي وئين،
ڇڏي نيٺ ڪنهنجي سهاري هليو وئين.

تون آئين تہ سمجهيم حياتي ملي وئي،
مگر يار مونکي تہ ماري هليو وئين.

وسارڻ سان ڪاٿي ٿيون وسرن اسان کان،
گهڙيون چار گڏجي جي گهاري هليو وئين.

نہ لڙڪن جي بارش ۾ آهي وساٽي،
بدن تي ٻُري باهہ ٻاري هليو وئين.

ڪڏهن ڪين واعدي وفائي ڪئي تو،
ڪيل قول پنهنجا وساري هليو وئين.

نہ ٿي مئڪدي ۾ مئڪشيءَ سان لڳي دل،
الائي ڇا نيڻن کان پياري هليو وئين.

دکن ۾ دلاسو ڏئي ”تاثير“ ڪي تون،
تکي تارَ مان ڄڻ تہ تاري هليو وئين.

♥

توکي پنهنجي پير ۾ ويهارڻ ٿو چاهيان.
سيئي سور دل جا سٽائڻ ٿو چاهيان.

مٿا تنهنجي هڪڙي مٺي مرڪ تان مان،
خوشين جا خزانا لٽائڻ ٿو چاهيان.

ڪندس پيو مان ايلاز، آزيون ڪندس پيو،
ڪري منٿون ميڙون مڃائڻ ٿو چاهيان.

ڪڏهن ناز مان نيڻ مون ڏي ٻه ڪڻ تون،
نظر سان نظر ڪي ملائڻ ٿو چاهيان.

پرين تنهنجي تصوير، تنهنجي خطن جا،
اکين کان اکر مان چمائڻ ٿو چاهيان.

سڄڻ تنهنجون سختيون ۽ ڏک درد دوکا،
ڏسيان ڏيهہ کي کيئن لڪائڻ ٿو چاهيان.

سدا تنهنجي يادن ۾ گم ٿو رهان پيو،
مان دنيا سموري ڀلائڻ ٿو چاهيان.

توکي منهنجو محبوب ماڻهو چون ٿا،
مان "تاثير" تنهنجو سڏائڻ ٿو چاهيان.

♥



مون ڏي هر هر ڏسندي ڪر تون،
مرڪي مرڪي ملندي ڪر تون.

دل جو درد ڏٻائي دل ۾،
مرڪ چپن تي رکندي ڪر تون.

ريتن کي راتاها ڏيئي،
مونسان ملندي کلندي ڪر تون.

منهنجي منٿن ايلازن تي،
مونسان پرچي پوندي ڪر تون.

لالي لائي سرمو پائي،
تلڪ نہ گوري هٽندي ڪر تون.

ساڙولن جي سامهون هرگز،
ڀانهن نہ لوڏي هلندي ڪر تون.

توکي ڪيڏو چاهيان ٿو مان،
پنهنجي دل کان پڇندي ڪر تون.

تڙپي ٿو "تاثير" اجا پيو،
لڙڪ نہ لاڙي وجهندي ڪرتون.

♥

توکي کھڙي کل کيئن گھاريان ٿي.
مان روئندي رات گذاريان ٿي.

تون خوشين ۾ خوش آهين صدا،
مان لڙڪ اکين مان هاريان ٿي.

تصوير چُمي سيني تي رکي،
پنهنجي ديد ۽ دل کي ٺاريان ٿي.

تنهنجي ديد جي پياسي دلڙيءَ کي،
تنهنجو پيار پئي مان پياريان ٿي.

مان تنهنجي ياد ۾ تڙپان ٿي،
مان روئي کانگ اڏاريان ٿي.

تون مونکي وساري ويٺو آن،
مان پنهنجا قول تہ پاريان ٿي.

جنهن راهہ تي هئين "تاثير" مليو،
سا نکري راهہ نهاريان ٿي.

♥



سنڌڙي تنهنجا سارا ماڻهو،
منهنجي اکين جا تارا ماڻهو.

جيءَ ۾ جايون ڏيندا آهن،
سڌ ڪري سڪ وارا ماڻهو.

پنهنجي پنهنجي ڏُن ۾ آهن،
هيڏانهن هوڏانهن وارا ماڻهو.

ڏک سک ۾ گڏ هوندا آهن،
اوڙي پاڙي وارا ماڻهو.

ڪنهن ڪنهن جو مان نانءُ ڪڻان،
سڀ هن ساهہ سهارا ماڻهو.

جيءَ کان پيارا لڳندا آهن،
جاني جيءَ جيارا ماڻهو.

سنڌڙي مونکي وڻندا آهن،
تنهنجا ڪوجها ڪارا ماڻهو.

ديس جي خاطر ڪنڌ ڪپائي،
ٿيندا هن سويارا ماڻهو.

ڌرتيءَ لئہ "تاثير" سدائين،
لکندا پيا مون پارا ماڻهو.

♥

مونکي کولي ڳالھ ٻڌاءِ،
تنھنجي کھڙي آهي راءِ!

جيون منھنجو جرکي جيئن،
اهڙي کا اڄ جوت جلاءِ.

منھنجي روئيندڙ نيڻن کي،
آءُ اچي کا ڏي دلجاءِ.

واٽون ٿي واجھايان مان،
او پرديسي تنھنجي لاءِ.

جيءُ جدائيءَ جھوريو آهي،
مونکي هاڻي کين ڏکاءِ.

منھنجي هن ديواني دل کي،
هلي آ پاڻ اچي سمجھاءِ.

ورهين کان واجھايان ٿي،
هاڻي مونڏي واڳ وراءِ.

روئي ٿي دل دانھن کري ٿي،
خوشيون ڏيئي خوب کلاءِ.

هڪ ڀيرو "تاثير" اچي کو،
پنھنجي سيني ساڻ لڳاءِ.

♥



نيڻ کڻي جيئن کلندي آهين.
مونکي ڏاڍو وڻندي آهين.

اکين آڏو ناهين ليکن!
منھنجي دل ۾ رهندي آهين.

کنھنجي لئہ او منھنجي دلڙي،
پل پل روئندي رڙندي آهين.

ڳُھورون گھائي وجھنديون آهن،
نيڻ نشيلا کڻندي آهين.

کھڙن خيالن منجھہ سدائين،
راڻي تون گم رهندي آهين.

هر غم گم ٿي ويندو آهي،
تون جي مرکي پوندي آهين.

توبن آ "تاثير" اڌورو،
تون ڀي ان سان ٺهندي آهين.

♥

پاڻ کي ٿاهيون ويٺي ٿاهه،
هي وٺ چلڙو چيچ ۾ پاءِ.

منهنجي جا تصوير آ توکي،
تنهن کي سيني ساڻ لڳاءِ.

ڪوئل جيئن ڪوڪاري ٻَن ۾،
اهڙو سريلو گيت ڪو ڳاءِ.

توبن منهنجو من آ ماندو،
آءُ اچي ڏي ڪا دلجاءِ.

مان ته هميشه تنهنجو آهيان،
تنهنجي آهي ڪهڙي راءِ.

تنهنجي حسن جي آڏو گوري،
ڪائي ڪنهن جي ڪانهي جاءِ.

آءُ ته تولئه حاضر آهيان،
”تاثير“ نه ايڏو تون شرماءِ.

♥



ڙي يار ايڏو ستائين تون چوٿو!
رکي يار ياري جتائين تون چوٿو!

تنهنجا ڪوڙ سارا هي احسان آهن،
رقيبن اڳيان پر جتائين تون چوٿو!

هي طعنا هي مهڻا ڏئين روز ٿو پيو،
حياتيءَ کي منهنجي ڪُٺائين تون چوٿو!

نه ٿئي پيار مونسان ته چالئه اچين ٿو،
پنهنجو پيار مونکان لڪائين تون چوٿو!

منهنجي دشمنن ساڻ راتيون گذاري،
جگر منهنجا جاني جلائين تون چوٿو!

سري ڪانه ٿي پيو ٿو توکي پڪاريان،
هليو آءُ هيڏي سِڪائين تون چوٿو!

عزت ساڻ جيئڻ جي چاهين ته پوءِ،
اڳيان ڪنهنجي گردن جُهڪائين تون چوٿو!

جنهن ڳالهه ۾ ڪو به ”تاثير“ ڪونهي،
اها ڳالهه مونکي ٻڌائين تون چوٿو!

♥

توسان جڏهن مان ملندو آهيان.
شعر تڏهن مان لکندو آهيان.

تنهنجا خطڙا ۽ تحريرون،
چاهه مان چمندي پڙهندو آهيان.

مون وٽ جا تصوير آ تنهنجي،
سيني لائي سمهندو آهيان.

تنهنجو نانءُ لبن تي آڻي،
دل ۾ ٻهڪي پوندو آهيان.

پنهنجي هٿ جي ريکائن ۾،
توکي ڳولي لهندو آهيان.

ياد ڪري مان توکي هر هر،
جيءَ ۾ جهڄندو جُهرندو آهيان.

پنهنجي هٿ سان پاڻ ئي وينو،
پنهنجا ڳوڙها اگهندو آهيان.

توکي مان ”تاثير“ خدا کان،
دعائن ۾ پيو گهرندو آهيان.

♥



توکان دور رهي ڪيئن سگهندس.
ايڏا سور سهي ڪيئن سگهندس.

تون جي ڊاهي ڊاهيندين پيو،
تون ئي ڏس! ٿهي ڪيئن سگهندس.

صدما سَوَ اڳي، اڄ دُوري،
هو تہ سهي ويس هي ڪيئن سگهندس.

ڏس تہ عمر جي لهندڙ سج ۾،
غم جو ٻاهه ٻهي ڪيئن سگهندس.

دريا آهيان سمنڊ ٿو ڳوليان،
صحرا ڏانهن وهي ڪيئن سگهندس.

دردن جي آڪاش تي اڇليئي،
هاڻي ڏس تہ لهي ڪيئن سگهندس.

جوڙيندڙ ”تاثير“ جي جوڙي،
هِن هُن کان مان ڊهي ڪيئن سگهندس.

♥

مونکي سڏکي ساري ٿي پئي.
آب اکين مان هاري ٿي پئي.

اوسيئڙي جي اونداهين ۾،
آس جا ڏيئا ٻاري ٿي پئي.

سوچن جي سنڌوءَ ۾ بيٺي،
دل جي ٻيڙي تاري ٿي پئي.

ڪنهن دم خوش ٿي ڪلندي آهي،
ڪنهن دم راڄ روئاري ٿي پئي.

هن ڪي مون بہ وساريو ناهي،
هوءَ بہ مونکي ساري ٿي پئي.

روئي روئي رات گنوائي،
سڏڪي سڄ اڀاري ٿي پئي.

آب اکين مان خوب وسائي،
آڳ اندر جي ٺاري ٿي پئي.

مان تہ مري "تاثير" وڃان ها،
هن جي ياد جياري ٿي پئي.

♥



تنهنجو نينهن نوابن جهڙو،
منهنجو عشق عتابن جهڙو.

دل ۾ تنهنجو درد سدائين،
گلشن منجهہ گلابن جهڙو.

پڙهندو ۽ پاڙهيندو آهيان،
تنهنجو نينهن نصابن جهڙو.

توبن يار ٿو گذري منهنجو،
سارو ڏينهن عذابن جهڙو.

تنهنجي گفتن ڪان ملندو آ،
ساڳيو سبق ڪتابن جهڙو.

هاڻي ڇڏ "تاثير" برايون،
ڪر ڪو ڪم ثوابن جهڙو.

♥

پنهنجي ڳالھ تان لهندو ناهيان.
ڪاڻ ٻہ ڪنهنجي ڪڍندو ناهيان.

ڪيڏا پئي نقصان ٿين پر!
ڪنهنجي آڏو جهڪندو ناهيان.

مون تہ هميشہ سچ لکيو آ،
ڪوڙ ڪڏهن مان لکندو ناهيان.

ڊڄندو آهيان پنهنجي رب کان،
ماڻهن کان مان ڊڄندو ناهيان.

پيار منجهان جو مليو واھ وا،
زوري ڪنهن کان گهرندو ناهيان.

هڪ سڄڻ کان پڇندو آهيان،
ٻي کان هرگز پڇندو ناهيان.

رات جو جڏهين ڏات لهي ٿي،
پو تہ سمهي مان سگهندو ناهيان.

محبوب جڏهن کان وڇڙي ويو آ،
مان بہ تڏهن کان کلندو ناهيان.

”تاثير“ سان کلبو ملبو هو پيو،
ٻي سان ڪڏهن ملندو ناهيان.

♥



مون ڏي روز نهاري ٿي پئي،
ماري روز جياري ٿي پئي.

وهنجي سهنجي سامهون بيهي،
وار ڪلهن تي واري ٿي پئي.

هاڻ بہ هڏڪي آئي آهي،
شايد مونکي ساري ٿي پئي.

ميسيج اماڻي موبائل تي،
پيار ڪرڻ سيکاري ٿي پئي.

سور سٺائي سرتين کي ڪيئن،
سڏڪي سچ اپاري ٿي پئي.

ڏيھ جا ڏک ۽ درد ڪٽي ڪيئن،
گوندر منجھ گذاري ٿي پئي.

شاھ لطيف جي پڙ ۾ ويهي،
آس جا ڏيئا ٻاري ٿي پئي.

نانءُ وٺي ”تاثير“ جو سڀ کي،
دڙڪا داٻ ڏياري ٿي پئي.

♥

پنهنجو پاڻ کي ٿاهي ويٺي.
شعر چپن ۾ ڳائي ويٺي.

مونکي سامهون ڏسندي گوري،
ڪيڏو ٿي شرمائي ويٺي.

سرمو پائي سينڌ سنواري،
لالي لبن کي لائي ويٺي.

رات جي سانت ۾ لچندي لچندي،
پنهنجو تن تڙپائي ويٺي.

هاءِ اداسيءَ جي عالم ۾،
سڏڪي سج اپاري ويٺي.

ننڊ وڃائي نيڻن مان ٿي،
لڙڪ اکين مان هاري ويٺي.

چرين وانگي هِن ۽ هُن سان،
ڪيڏو ٿي ڳالهائي ويٺي.

شال ٿئي ”تاثير“ دعا ۾،
رب کي پئي ٻاڏائي ويٺي.

♥



ها غمن سان تار آهي زندگي.
توسوا بيمار آهي زندگي.

ڪوڙ، سچ جو ٿو ٿئي سودو پيو،
اهڙو ئي واپار آهي زندگي.

عظمتن کي خاڪ ۾ ملندو ڏسي،
جا بجا ٿي خوار آهي زندگي.

هن جي پاڪر جو مزو مان ڇا چوان،
ڄڻ گلن جو هار آهي زندگي.

پيءُ ٿو وڪڻي پيو اولاد کي،
نئين ڪليل بازار آهي زندگي.

ديس خاطر جي وڙهي ڪوئي نه ٿو،
پوا! سجڻ بيڪار آهي زندگي.

قوم ڪيڏو ننڊ ۾ آهي ستل،
ڄڻ! صفا لاچار آهي زندگي.

مفلسيءَ جي ور چڙهيل هن ڏيهه ۾،
پائيون ٿا نادار آهي زندگي.

جوان پٽ جي موت تي ماتم ڏسي،
ٿي پئي ڄڻ بار آهي زندگي.

انتظارن قيد ڪيو ”تاثير“ کي،
پيو مٿان ڪو ڄار آهي زندگي.

♥

پکي توسان ياري نڀائڻ ٿو چاهيان،
سچي ڳالهه دل جي سڻائڻ ٿو چاهيان.

نهارين ٿو مونڏي، حياتي وڏي ٿي،
تڏهن توسان اکڙيون ملائڻ ٿو چاهيان.

اٿم آس توکي پرين پاڻ سان گڏ،
سنڌوءَ جا ڪنارا گھمائڻ ٿو چاهيان.

گل هار هوندا اوهان لئہ هٿن ۾،
ماڻهون هزارين بيهارڻ ٿو چاهيان.

البم مان تنهنجي مون فوٽو ڪنيون هو،
اهو فوٽو توکان ڦٻائڻ ٿو چاهيان.

ڏسي توکي هر هر ۾ ڏسندو رهان مان،
وڏي اچ اکين جي اجهائڻ ٿو چاهيان.

رهڻ جي تون چاهين تہ جلدي هليو آ،
دري دل جي کولي رهائڻ ٿو چاهيان.

وڏو بت پرستيءَ کان بيزار آهيان،
مالڪ اڳيان سر جهڪائڻ ٿو چاهيان.

دعائن ۾ ”تاثيرُ“ ڪيڏو رکيل آ،
وري سي دعائون گھرائڻ ٿو چاهيان.

♥



پرين مونکي پنهنجا پيارا ٿا گھرجن.
وري مونکي ساڳيا سهارا ٿا گھرجن.

جتي ڏينهن راتيون گذاريوسين گڏجي،
اهي سونهن وارا نظارا ٿا گھرجن.

تماچي بہ نوريءَ تي مفتون ٿيو هو،
ڪنول گل ڪينجهر، ڪنارا ٿا گھرجن.

وري ياد تازي جي ٿي پئي اسانجي،
پرينءَ جي اچڻ جا اشارا ٿا گھرجن.

لکي جيڪي پاتيون هون پاڪيون ۽ جهاتيون،
اسان کي اُهي پل اڏارا ٿا گھرجن.

ساهڙ کان سهڻي گھڙي سِير ۾ هئي،
ارادا انهيءَ جيان سگھارا ٿا گھرجن.

غربت جا ماريل ڪي نادار ماڻهو،
فلاحي انهن لئہ ادارا ٿا گھرجن.

نصابي ڪتابن مان غلطيون ۽ خاميون،
ڪڍڻ لاءِ تن مان سڌارا ٿا گھرجن.

شمارن ۾ ” تاثير“ لکندو رهيو آ،
چپيل شاعريءَ جا شمارا ٿا گھرجن.

♥

نه کا دلبرن ۾ ديانت رهي آ،
نه کا رهبرن ۾ صداقت رهي آ.

وڃي سچ کي ٿو رڳو کوڙ کائي،
نه انصاف واري عدالت رهي آ.

اوباش ماڻهو ۽ آوارا گردي،
نه کو شرم ۽ کا شرافت رهي آ.

نياڻين جي عزت ۽ ناموس خاطر،
سندن لئہ نه کائي حفاظت رهي آ.

وڪامي ٿو کوڙين تي انصاف اڪثر،
عدالت ۾ اهڙي وڪالت رهي آ.

اهي دوست سڀ يار اڄ پيٖ ته آهن،
مگر تن ۾ ڏاڍي شرارت رهي آ.

نينگرِ ننڍيءَ ساڻ پوڙهو آ پرڻيو،
رسمنَ ۾ ڪيڏي جهالت رهي آ.

جڏهن کان چني يار ياري تڏهن کان،
بپا منهنجي من ۾ قيامت رهي آ.

ٻڌايو آ " تاثيرُ" مدهوشَ مونکي،
اها ان جي مون تي عنايت رهي آ.

♥



حسينن جي شوخ نگاهن کان بچجي.
نازنين جي ناز و ادائن کان بچجي.

فريبانه انداز محبت آ جن جو،
دغاباز تن دلربائن کان بچجي.

جي فريب و دغا جو نشان بنائن،
انهن قهر وارين نگاهن کان بچجي.

اجاين وفائن، جفائن تي پلجي،
محبت ۾ اهڙين سزائن کان بچجي.

محبت جو جتي کوبہ احساس ناهي،
وفا شناس تن مهلڪائن کان بچجي.

ڪم ظرف ماڻهو سڃاڻي سگهين جي،
زماني ۾ اهڙين جزائن کان بچجي.

خطائن ۾ "تاثير" پڇتائجي ٿو،
بهتر آ اهڙين خطائن کان بچجي.

♥

جڏهن به سامهون ايندو آهين.
خوش ٿي ڪلندو ويندو آهين.

شايد! توکي مان به وڻان ٿو،
تڏهن ته ايندو ويندو آهين.

جنهن پل هٿ مان گرهه ڪريو آ،
پڪ اٿم ساريندو آهين.

چاڻان ٿو تون منهنجي خاطر،
صدما سختيون سهندو آهين.

پل پيو ڏار گذار او ساجن،
پر تون دل ۾ رهندو آهين.

سچ، صبح جو ڏسندي ڏسندي،
مونکي ياد تون ايندو آهين.

اخبار رسالن ۾ تون منهنجا،
شعر ڇپيل پيو پڙهندوآهين.

فون ڪري ”تاثير“ کي تن جو،
داد پيو دم دم ڏيندو آهين.

♥



اسان کي ڇڏي پنهنجا پيارا هليا ويا،
مٽيا دار ماڻهو موچارا هليا ويا.

سهارو هوندا ها اسان لئہ سدائين،
سهارن پنيان ڇڻ سهارا هليا ويا.

مدهوش، راهي ۽ تاجل، بخاري،
ميهڙ، جوهي، دادوءَ وارا هليا ويا.

جنين ڪاڻ جايون دلين ۾ جڙيل هون،
ڪري سي اسان کان ڪنارا هليا ويا.

هئا حال محرم ۽ همدرد ماڻهو،
پرين سي پري، پيار وارا هليا ويا.

وڏي شوق سان يار سڏبو هو جن کي،
هٿن سان ڪندي سي اشارا هليا ويا.

اهي پل ڪچهريون ۽ دلڪش نظارا،
اونهارا اُهي يار سيارا هليا ويا.

جتي نينهن وارن سان ناتا جڙيا ها،
اهي نينهن نرمل نظارا هليا ويا.

ائين ڪلندي ڪلندي وڇڙ واريون وايون،
ڪندا يار ”تاثير“ پارا هليا ويا.

♥

اهـا روشنـي چنڊ تـارا وٽـن ٿـا،
سڀـي رات وارا نـظـارا وٽـن ٿـا.

هٿن جـا اشارا تہ سمجهي ٿو سيڪو،
مونکي تنهنجي اک جا اشارا وٽن ٿا.

حياتـيءَ جـا ڏينهڙا وڏائي چڙهين جي،
اهـي نيڻ ڪجـلا ۽ ڪـارا وٽن ٿا.

ٻچپن جـون سـارون اهـي رَند راهون،
ايـان اڄ پـي چاهت جا چارا وٽن ٿا.

ملين ٿـو تہ هر رُت بهارون ٿو پائنيان،
اونهـارن سـان گڏ پوءِ سيارا وٽن ٿا.

تماچيءَ جون تڙ تي هون نوريءَ نگاهون،
تڏهـن ساڳيا ڪينجهر ڪنارا وٽن ٿا.

خبر ٿئـي تہ مـاڻهو ڪٿان جا وٽن ٿا؟
خـدا جـو قسم سنـڌ وارا وٽـن ٿا.

مـڪـڻ جـهڙا ماڻهو هزارين ٿا ڏسجن،
مـگر مونکي ”تـاثير“ پـارا وٽن ٿا.

♥



ٿـورڙو در ڪـولي ڏسـندي ٿـي رهـي.
دل جي ڌڙڪـن تيز ٿيندي ٿي رهـي.

ٿـي پيون آهـن دليـون پاڳـل ٻئـي،
مـان ٿـو روئـان هوءَ کلندي ٿي رهي.

وار پنهنجا ڪـولي ٿي جنهن پل سَکي،
چئوطـرف هٻڪـار ٿيندي ٿي رهـي.

ڪوڪ ڪوئل جي ٻڌي جاڳي پيس!
درد جـي ڪـا ٻـاک ڦٽندي ٿي رهي.

اڄ بہ پئي گـلڙا مـزارن تـي رکي،
باسَ هُـن جي پـوري ٿيندي ٿي رهي.

روز ٿـي ڪـاري ڪـري ماري وڃي،
ظـلمتن جي ٻـاهہ ٻرندي ٿي رهـي.

يـاد منهنجي سڀ وفـائن کي ڪري،
جـيءَ ۾ جهجندي ۽ جُهرندي ٿي رهي.

”تاثـيـر“ جـي تصوير هٿڙن ۾ کڻي،
چاهہ مان چپڙن سان چمندي ٿي رهي.

♥

مندون ساڳيون پيون اينديون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.
وري عيدون پيون ٿينديون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.

قصا هت قرب جا ڪيئي ڪهاڻيون پيار جون هلنديون،
دليون ڀڪي پيون پونديون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.

نہ ڪو هوندو هتي هرگز، هتان ويندو هليو هرڪو،
پچارون تن جون پيون هلنديون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.

خوشيون گهر گهر ۾ هونديون خوب، هوندا ناچ نارين ۾،
مبارڪ ڏينديون پيون ونڊيون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.



سنگهارا سڪ ۾ هوندا ۽ هوندي سونهن سنڌڙيءَ ۾،
ٽڏيون هيرون پيون گهلنديون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.

نظارا نينهن جا هوندا ۽ وڄنديون بانسريون بَر ۾،
مڌر آواز پيون پُڌبيون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.

ملاحن مرڪ موتي ڪا، سنڌوءَ ڪي ڏيون گلن پيتا،
موجن مهراڻ پيون مچنديون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.

حسين ڏينهڙا سهاني شب سَجيل سيجون نہ ٿيون وسرن،
نيون سيجون پيون سَجنديون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.

وڏو وسڪار ٿئي ٿر ۾، ملي جيئندان مورن کي،
وري ٻيلون پيون ڪڏنديون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.

اجا سَسِيون بہ سُورن ۾ پڪارن ٿيون پنهل پنهنجا،
پنهل جا پارَ پيون پڇنديون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.

قصا ڪينجهر ڪنارن جا ۽ نوريءَ نياز جون نياڻيون،
رسالن ۾ پيون پڙهنديون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.

اسان جي الفتن جا داستان "تاثير" پيا هلندا،
ميارون پو بہ پيون ملنديون نہ مان هوندس نہ تون هوندين.

♥

اچا راهہ تنهنجي نهارن ٿيون اکڙيون،
اچا اڄ بہ توکي سنڀارن ٿيون اکڙيون،

جڏهن چنڊ ڪِرندو آ منهنجي صحن تي،
تڏهن ياد تنهنجي ڏيارن ٿيون اکڙيون،

توکي يار خوابن ۾ ڏسندو رهيو هان،
ڏسو! اڄ بہ توسان نڀائن ٿيون اکڙيون.

ڏسڻ ٻي کي چاهيو نہ آهي مون هرگز!
قسم نُور جو هي ڪٽائن ٿيون اکڙيون.



پڙهيا ٿم خطن ۾ حرف راز دل جا،
اهي راز دل جا ٻڌائن ٿيون اکڙيون.

جنهن راهہ تان وئين تون، هٿڙو ڇڏائي،
ڏسي راهہ ساڳي نهارن ٿيون اکڙيون.

جڏهن نيڻ نيڻن سان ملندا رهيا هن،
پري جام نيڻن کان پيارن ٿيون اکڙيون.

فجر ويل لڙهندو ڏسي لاش ڪنهنجو!
سُتل سُور دل جا اٿارن ٿيون اکڙيون.

جي نيلام ٿيون ٿين سي عزت جون پتليون،
ٻڌي واڪ پنهنجون جهڪائن ٿيون اکڙيون.

ڪڏهن گهمندي ڦرندي نوان ۽ پراڻا،
ڪي ”تاثير“ پارا ملائن ٿيون اکڙيون.

♥

ايــــوانن ۾ ويهـــــڻ وارا سنڌ جو هـــي نقصـــان ڏسي وڃ.
سنـــــڌوءَ ساڄـــي ڪپ تي ويٺل بيوس هي انسان ڏسي وڃ.

جـــن جـــا گــهر آباد هئا ۽ مُک تي مرڪون مهڪ متل هئي،
تن جـا گهرڙا خالــي ٿي ويــا ، ويڙها سڀ ويران ڏســي وڃ.

شـــهر ٿـــي ويا هن بَحرَ اسان جا واهڻ وستيون اُجڙي ويون هن،
بربـــاديءَ جـــي عالــمَ ۾ بس! مـــاروئڙا حيران ڏســـــي وڃ

هـــٿ ونـــي ڪنهن ڪَٽُ ڏئي آ ٻوڙيو هـــن سنسار سڄي ڪي،
ڪجـــهه پـــي ڪونہ بچيو آ باقـــي سُورن جو سامان ڏسي وڃ.



تـــون تہ هوائــن ۾ پيو اڏرين ڏسنـــدو ڏوٿيئڙن ڪـــي گذرين،
هيٺ لهي پـــو! دلـــڙين تي ٿيـــل نفـــرت جا نيشان ڏسي وڃ.

جـــن جـــا ٻچـــڙا وڇـــڙي ويا هن تن لئہ پاڻ ۾ گڏجي سڏجي،
نياڻيـون سياڻيون پڙهنديون آهن ڪئمپن ۾ قرآن ڏسي وڃ.

ڪـــالهہ پيي ڪيڏا لاش لڙهيا ها اڄ پيي لڙهندو لاش اڇي ٿو!
ڪنهن تہ ونيءَ جو وَرُ هوندو ڪو ڪنهنجو پٽ جوان ڏسي وڃ.

خـــالي ٿانـــوَ هٿـــن ۾ جـــن کي ويلـــي ڪان ٿا واجهائن پيا،
ڪـــامورن جا دڙڪـــا تن کـــي داٻـــا ۽ دهمـــان ڏسي وڃ.

پنهنجـــي مدد سان پاڻُ ملهـــائي شهر کـــي آ جيئدان ڏنو جن،
جـرئت همـــت وارا ماڻهـــو جوهيءَ جا سڀ جـــوان ڏسي وڃ.

راشـــن، ڪـــاڏ خـــوراڪ ونڻ لئہ مارن جي تذليل کي ڏسندي!
”تاثير“ جي دل ۾ چڻ تہ چُڀي پيو ڪيڏو آهي ڪَانُ ڏسي وڃ.

♥

نوٽ: 2010ع واري ساڄي پاسي سنڌوءَ جي ٻوڏ جي تباهيءَ تي لکيل.

# گڏيل شاعري





راتِ رات، ڏينهن ڏينهن.
لڙڪ لڙڪ، مينهن مينهن.

چولي چولي، موج موج،
مست مست اوج اوج.

صلح صلح، جنگ جنگ،
ڪنهنجو ڪانو ڪنهنجو سنگ.

سچ جي آ وائي وات،
ڪنڌ تي ڪرت ڪات.

ديس جو جوان جوانُ،
ٻار ٻار پهلوان.

ڪونهي ڪنهنجو دنگ،
نينهن جن جو آ نسنگ.

سچ چوڻ ڇا ڏوهه آ؟
ڇئه ڪٽي ڇا ڊوهه آ؟

ڇوهه ڇوهه ڇوهه آ،
ڪوهه هڪڙو ڪوهه آ.

ڏس ڪٽي مان ڇا ڇوان،
ڇاڪري مان ڇا ڪريان!

وقت جي سقراط جيان،
مان زهر جو پيالو پيان.

هي آههَ جو ”تاثير“ آ.
هيءَ دل ٻہ هڪ جاگيرآ.

آءُ ڀٽائي آءُ ڀٽائي.

روھ رلي ويو رشتو ناتو،
مارڻ لئہ آ ھرڪو آتو،
ڀاءُ کي پنھنجو ڀاءُ ڀٽائي.
آءُ ڀٽائي آءُ ڀٽائي.

ٻنيون ٻارا ٿو تڙپائي،
ماڻھو ماڻھوءَ کي ٿو کائي،
سنڌوءَ جو سوداءُ ڀٽائي.
آءُ ڀٽائي آءُ ڀٽائي.

ويڙھو ويڙھي ساڻ وڙھي ٿو،
پاڙو پاڙي تي اُلري ٿو،
جت ڪت آ ٽڪراءُ ڀٽائي.
آءُ ڀٽائي آءُ ڀٽائي.



تڙپي تڙپي پيا ٿا تاڻيون،
بارودن ۾ ڪاٿان آڻيون،
مُرڪون مَھڪ ھُڳاءُ ڀٽائي
آءُ ڀٽائي آءُ ڀٽائي.

تاريخن جا تاڪ اجاڙي،
تھذيبن کي پيو ٿو ساڙي،
تفريقن جو تاءُ ڀٽائي.
آءُ ڀٽائي آءُ ڀٽائي.

پنھنجو پنھنجي کان گھٻرائي،
رشتو رشتي کان ڪترائي،
کھڙو وريو واءُ ڀٽائي.
آءُ ڀٽائي آءُ ڀٽائي.

چئي ٿو پر ھي ٺيڪ نہ ناھي،
ڳاٺي ۾ ويو پئجي آھي،
مونکي آڌر ڀاءُ ڀٽائي.
آءُ ڀٽائي آءُ ڀٽائي.

توبه زاري توبه زاري،
جاتي ڪاٿي آهي جاري،
ڏاڍِ ڏمر ڏهڪاءُ پٿائي.
آءُ پٿائي آءُ پٿائي.

ڪلفت الفت ڪي ٿي ڏي پئي،
نفرت محبت ڪي ٿي ڏي پئي،
نئين سر نئون ايذاءُ پٿائي.
آءُ پٿائي آءُ پٿائي.

جُوءِ چوا! جڳ ڪي جرڪايان مان،
تڪڙو ٿي ”تاثير“ ڏيان مان،
فڪرن ڪي ڦهلاءُ پٿائي.
آءُ پٿائي آءُ پٿائي.
آءُ پٿائي آءُ پٿائي.



ظلمتن ڪي وئي مِٽائي بينظير!
جوت نئين وئي آ جلائي بينظير.

ڏاڍ جا ڏونگر ڏکيا ڏاري وئي،
۽ يزيدي سوچ ڪي ماري وئي،
ڪربلا وئي آ ملهائي بينظير.
جوت نئين وئي آ جلائي بينظير.

ظلم ضيائي پرزا پرزا ٿي ويو،
آمرن جو خواب ٽڪرا ٿي ويو،
وئي مشرف ڪي مچائي بينظير.
جوت نئين وئي آ جلائي بينظير.

دم دما دم، دم دما دم ٿي ويو،
نئون عوامي راڄ قائم ٿي ويو،
وئي جمهوريت ڪي بچائي بينظير.
جوت نئين وئي آ جلائي بينظير.

ظلم ڪي زنجير ويو آهي لڳي،
ڏاڍ جي جڻ چيلهه پئي آهي ڀڳي،
قهر ڪي وئي آ ڪنبائي بينظير.
جوت نئين وئي آ جلائي بينظير.

عام لئہ نئون آسرو نکري پيو،
سج عوامي سوچ جو اُڀري پيو،
آمريت کي وئي اجهائي بينظير.
جوت نئين وئي آ جلائي بينظير.

سنڌ ڇا سرحد بلوچستان جا،
ڇا ڏسيان پنجاب پاڪستان جا،
پاند وئي آهي پُسائي بينظير.
جوت نئين وئي آ جلائي بينظير.

مرد عورت کي ٻڍي کي ٻار کي،
سوڳواري ڏئي سڄي سنسار کي،
وڻ وطن جا وئي وڄائي بينظير.
جوت نئين وئي آ جلائي بينظير.

لاڙڪاڻي کان وٺي لاهور جون،
۽ پشاور کان وٺي ڪشمورجون،
خاڪ وئي خوشيون بنائي بينظير.
جوت نئين وئي آ جلائي بينظير.

ظلم جاتي پيو هجي للڪارجي،
ڏاڍ کي "تاثير" گڏجي ڏارجي،
وئي سبق آهي پڙهائي بينظير.
جوت نئين وئي آ جلائي بينظير.
ظلمتن کي وئي مِٽائي بينظير.

نوٽ: بينظير جي شهادت کان پوءِ لکيل.



اکڙين جي آلاڻ اُگهي ڇڏ، اکڙين جي آلاڻ.
خوش ٿي کلندي کلندي جيڏي جوين پنهنجو ماڻ.
اگهي ڇڏ اکڙين جي آلاڻ.

روئندي روئندي رات وهاڻي، تنهنجي ڪنهنجي ڪاڻ.
اگهي ڇڏ اکڙين جي آلاڻ.

روئڻ مان ڪجھ ورڻو ناهي، مرڪ ڇپن تي آڻ.
اگهي ڇڏ اکڙين جي آلاڻ.

هوش وڃائين ڇوٿي پنهنجو، ٿيءُ نہ جَتي اڻڄاڻ.
اگهي ڇڏ اکڙين جي آلاڻ.

پنهنجي پيار جا هُل هُلي ويا، وڻ وڻ تي واڪاڻ.
اگهي ڇڏ اکڙين جي آلاڻ.

ڪٽڪون نِسريون ٿي وئي آهي، سنگ سنگ ۾ سُرهاڻ.
اگهي ڇڏ اکڙين جي آلاڻ.

جاڏي تنهنجو سپرين آهي، تاڏي ويني تاڻ.
اگهي ڇڏ اکڙين جي آلاڻ.

پردو رُخ تان پاسي ڪر! ٿئي چوڏاري چانڊاڻ.
اگهي ڇڏ اکڙين جي آلاڻ.

پڪ اٿم "تاثير" پرين سان، پرچي وجبو هاڻ.
اگهي ڇڏ اکڙين جي آلاڻ.
اگهي ڇڏ اکڙين جي آلاڻ.

تنهنجي راهہ نهاريان ويني،
پل پل تو کي ساريان ويني.
گيت غمن جا ڳايان ويني.

نيڻن مان برسات وسائي،
پنهنجا پاند پُسايان ويني.
گيت غمن جا ڳايان ويني.

تنهنجي تات تکيري تن ۾،
توسان نينهن نڀايان ويني.
گيت غمن جا ڳايان ويني.



هي سانوڻ آيو سُور کڻي آ،
سُورن کي ڳل لايان ويني.
گيت غمن جا ڳايان ويني.

پيار جا قاتل پاپي ماڻهو،
تن کان پيار لکايان ويني.
گيت غمن جا ڳايان ويني.

تنهنجا ڳُڻَ ۽ ڳالهيون ساجن،
ور ور ڏئي ورجايان ويني.
گيت غمن جا ڳايان ويني.

ڪرڪو قرب اچڻ جو پيارا،
رب کي تي ٻاڏايان ويني.
گيت غمن جا ڳايان ويني.

ايندا جي ”تاثير“ اسان وٽ،
تن لئہ پاڻ کي ٿاهيان ويني.
گيت غمن جا ڳايان ويني.
گيت غمن جا ڳايان ويني.

تون جي آهين مان پي آهيان.
آءُ تہ توکي سيني لايان.

تون جي ناهين منهنجا مٺڙا،
مان پي آهيان ڇڻ ڪي ناهيان.
آءُ تہ توکي سيني لايان.

توکي ڪا ڪل ناهي جاني،
توکي ڪيڏو ٿو مان چاهيان.
آءُ تہ توکي سيني لايان.

تنهنجو ڇلڙو يار نشاني،
پيو ٿو پيار مان لاهيان پايان.
آءُ تہ توکي سيني لايان.

تون ٿو گيت خوشين جا ڳائين،
مان ٿو وينو پاند پُسايان.
آءُ تہ توکي سيني لايان.

تنهنجا ٿورا ٿورا ناهن،
کھڙا ڳائي کھڙا ڳايان.
آءُ تہ توکي سيني لايان.

توکي ساري جيئندو آهيان،
توکي ڇا ” تاثير “ ٻڌايان.
آءُ تہ توکي سيني لايان.
آءُ تہ توکي سيني لايان.



دل ٿي توکي منهنجي ساري.
سانوڻ توڙي سياري ساجن.
سانوڻ توڙي سياري.

ساھ سڙي ويو سُورن ۾،
وئين باھ بدن تي ٻاري ساجن.
سانوڻ توڙي سياري.

هيڏي جڳ ۾ ڪير اڪيلو،
جيون ڪيئن گذاري ساجن.
سانوڻ توڙي سياري.

راتيون ڏينهن گذاريان وينو،
آب اکين مان هاري ساجن.
سانوڻ توڙي سياري.

من مستانو دل ديواني،
ڪنهن سان پُور پچاري ساجن.
سانوڻ توڙي سياري.

اکڙيون پوبہ ٿڪيون ئي ناهن،
تنهنجي راھ نهاري ساجن.
سانوڻ توڙي سياري.

تنهنجي لئہ ” تاثيرُ “ اڃا ٿو،
گوندر منجھ گذاري ساجن.
سانوڻ توڙي سياري.
سانوڻ توڙي سياري.

سانجهيءَ ويلي وڻ تي ويهي.
ڪوئل ڪوڪو لائي.
ٿي منهنجوتن تڙپائي.

توبن مونکي منهنجو گهر ڇا!
هر شيءِ ٿي ڇڻ ڪئي.
ٿي منهنجوتن تڙپائي.

ننڊ اکين کي ناهي ڪائي،
پئي ٿي ياد ستائي.
ٿي منهنجوتن تڙپائي.

اوسيئڙي ۾ آس لڳائي،
مون لئہ ٿي واجهائي.
ٿي منهنجوتن تڙپائي.

پيار پريت جون ڳالهيون پلپل،
هر پل ٿي ورجائي.
ٿي منهنجوتن تڙپائي.

چاهت ۾ ”تاثير“ چري ٿي،
گيت غمن جا ڳائي.
ٿي منهنجوتن تڙپائي.
ٿي منهنجوتن تڙپائي.



جو سنڌ جو ويري سو اسان جو ويري،
جو سنڌ جو دشمن سو اسان جو دشمن،
ويريءَ کان اسين وير وٺي ٿا ڇاڏون،
سهنداسين ڪڏهن ڪينڪي تيري ميري.

❖

ڏکن ڏوجهرن ۾ اباڻا اسان جا،
سُکن ۾ نہ ڏسجن ٿا سانگي سِياڻا،
انهن کي ٿا آڇيو پيا محل ماڙيون،
انهن جا تہ واريءَ تي آهن وڇاڻا.

❖

ساٽيهہ جي سانگين کي ستايو ويٺا،
صد حيف جو ڪونڌر ٿا ڪهايو ويٺا،
هن ڏوهہ جا ڏوهي تہ اوهان ئي آهيو،
مارائي پيا، پاڻُ بچايو ويٺا.

❖

سنڌڙيءَ کان اسين ڌار ٿيا ئي ناهيون،
ڌرتيءَ جا گنهگار ٿيا ئي ناهيون،
سِر ساهہ بہ صدقي ٿا ڪريون سنڌ مٿان،
دَشمن جا اسين يار ٿيا ئي ناهيون.

❖

هن ديس جي ڌرتيءَ تي رهڻ ٿو چاهيان،
هن ديس جي دشمن سان وڙهڻ ٿو چاهيان،
ڪاڏو آ قسم منهنجي قلم سنڌوءَ جو!
سنڌوءَ جي ڪنارن تي لکڻ ٿو چاهيان.

❖

تو سنڌ کي جاگير بنايو آهي،
هيءَ سنڌ اسان جي آ اسان جي رهندي،
هيءَ پونءِ پٽائي ۽ بلاول جي اٿئي،
هيءَ پنهنجي آ هرگز نہ پرائي رهندي.

❖



دشمن جو منهن ۾ ڏک لڳي ٿو،
ريٽو ريٽو رت وهي ٿو،
ڦڙو ڪري ٿو جو ڌرتيءَ تي،
اي سنڌو! تنهنجو نقش ٺهي ٿو.

❖

هن سنڌ جي خاطر مان جيئڻ ٿو چاهيان،
هن سنڌ جي خاطر مان مرڻ ٿو چاهيان،
ڌرتيءَ جو قسم خونِ جگر سان ”تاثير“
هن سنڌ جي تاريخَ لکڻ ٿو چاهيان.

❖

ڪانئر تون مونکان سنڌ ڪسڻ ٿو چاهين،
تون سنڌ جو سلطان ٿيڻ ٿو چاهين،
مون سمجهيو آ توکي اڙي شيطان صفت!
تون لاش مٿان لاش ڏسڻ ٿو چاهين.

❖

هيءَ سنڌ پٽائي ۽ بلاول جي آهي،
هن سنڌ جا سرويچ ۽ سورهيه نہ ڏٺا ٿئي،
هن سنڌ سچل جيءَ کان بچي ڪيئن سگهندين
هن سنڌ جا مهمير ۽ دودا نہ ڏٺا ٿئي.

❖

هن سنڌ جا سرويچ سپاهي آهيون،
ڪنهن غير اڳيان پاڻ جهڪيائي ناهيون،
جنهن ڪالهہ سٺا سُور اها اڄ پيي سهي ٿي،
جيجل جو آهي قرض اهو قرض ٿا لاهيون.

❖

اسان کان اڳيئي ٺهڪ وڇڙي ويا هن،
الائي ڇو مرڪون ڇڏيندين وڃن ٿيون،
غمن جا وري گهر ٿا آباد ٿين پيا،
خوشيون سنڌ مان ڇڻ لڏينديون وڃن ٿيون.

❖



اکين ۾ اداسيون ۽ مايوس چهرا،
هتي هرڪا دلڙي پريشان آهي،
ڏسان ٿو تہ ڏک ڏيهہ ۾ ٿا گهمن پيا،
ڪيڏو ڏس تہ ڌارين جو دهمان آهي.

❖

اوهان روز ريشم ٿا پهريو برابر،
اسان جي تہ بُت تي لٽوئي نہ آهي،
اوهان ڪائي بچائي ڇڏيو ٿا،
اسان وٽ منجهند جو اٽو ئي نہ آهي.

❖

اوهان کي وڏو شوق شهرن گهمڻ جو،
اوهان جون خوشيون ٿيون هوائن ۾ پوريون،
اسان جي تہ خرچن ۾ ڪوٽي اچي وئي،
اسان جون پگهارون دوائن ۾ پوريون.

❖

اسان کي ڏسو ڪيئن سڏيندا وڃن ٿا،
اصل ديس پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا،
امن آشتيءَ جا ويا وڻ ئي وڍجي،
تڏهن لڙڪ لاڙي لڏيندا وڃن ٿا.

❖

اسان کان وري ٿهڪ وڇڙي ويا هن،
اکين مان وهي لڙڪ وکري ويا هن،
نئين سِر نوان سُور سَهڻا پون ٿا،
ڏسي ظَلمتون چرڪ نڪري ويا هن.

❖

اسان جي زندگي ۽ موت سان ناهن ٻڌل هرگز،
حڪومت کي مڙئي خالي خزانو يار پرڻو آ،
لٽي کان پو اٽي تي ۽ اٽي کان پو گهمڻ تي چا!
چون ٿا، ساهه کڻندي ساهه تي به ٽيڪس ڏيڻو آ.

❖



اک اڙائي ٻڪجي پيو هان،
سچ پچ ڏاڍو ڏڪجي پيو هان،
نانگ جي ٻرَ ۾ هٿ وجهي مان،
ڪاريهر کَان ڪڪجي پيوهان.

❖

رات جاڳي ستارن سان ڳالهيون ڪيم،
تصور ۾ پيارن سان ڳالهيون ڪيم،
نہ ڪو پانڌَ آيا نہ پيغام پهتو،
تڏهن انتظارن سان ڳالهيون ڪيم.

❖

اهي ڏينهن راتيون وري ياد آيون،
اهي برهه باتيون وري ياد آيون،
وسارڻ سان وسري نہ سگهيون سڄڻ!
مٺيون محب لاتيون وري ياد آيون.

❖

مان ان جي ستم کي بہ ادا چئي ويٺس،
والله جفا کي بہ وفا چئي ويٺس،
مون کان ٿا پڇيو منهنجو عقيدو ڇا هي؟
پٿر جي صنم کي مان خدا چئي ويٺس.

❖

وفا جي بدلي جفا ملي آ،
عطا جي بدلي سزا ملي آ،
گلن جي عيوض ڪنڊا ۽ ڪاوا،
دعا جي بدلي دغا ملي آ.

❖

ايڏو ڇو تون دور رهين ٿو،
واقعي ڇا! مجبور رهين ٿو،
تو تہ لکيو آ خوش ٿو گهاريان،
ليڪن سهندو سُور رهين ٿو.

❖



گلڙن جيان ٿا جهومن سپنا،
مکڙين جيان ٿا مهڪن سپنا،
تون جي ناهين منهنجا منڙا،
توبن ٿا پيا سڏڪن سپنا.

سڄي عمر ڏک سور سهندو رهيو هان،
۽ مرڪن ۾ ماڻهن سان ملندو رهيو هان.
خبر ڪنهن کي ڪهڙي آ منهنجي اندر جي،
سوين سُور سانڍي بہ کلندو رهيو هان.

❖

سدائين اوهان کان سزائون مليون هن،
وفائن جي بدلي جفائون مليون هن،
منهنجي طرف کان اوهان کي سدائين،
مگر پو بہ پيارا دعائون مليون هن.

❖

ٿورڙو ئي ٿورڙو ويچار ڪر،
پو پلي مونکي ڪٽي تون ڏار ڪر،
جي نہ ٿو پائنئين پلا مونکي تہ پو!
لوڪ جي اڳيان اچي اظهار ڪر.

❖

درِ يار ڪعبو ٿي سمجهيم جڏهن،
اتي پنهنجا سجدا ادا ٿي ڪيم،
هيو ڪنهن جي الفت جو ”تاثير“ همدم،
تڏهن جان تن من فدا ٿي ڪيم.

❖

هڪ دفعو مون تي وڏو احسان ڪر،
پاڻ وٽ مونکي سڏي مهمان ڪر،
مان تہ تنهنجي ڪاڻ ٿو جيئرو رهان،
ڇڏ ڪٽي تون ضد ڪي ڪجھ ڏيان ڪر.

❖



ٿورڙو مون ڏي ڏسي تون ڪِل ڪٽي،
لوڪ ساري جي اڳيان ئي مَل ڪٽي،
چا بہ ٿي پئي تنهنجي خاطر آءُ پيي،
بيٺو هوندس ڪجھ هٿن ۾ گل ڪٽي.

❖

کهڙو بہ آهيان مان انسان آهيان،
شڪر آ خدا جو مسلمان آهيان،
آ پاڻيءَ تي ليڪا حياتي اسان جي،
ميجان ٿو مان گهڙين جو مهمان آهيان.

❖

يـر! عشق کي آسان متان ڪو سمجهي،
هي درد آ درمان متان ڪو سمجهي،
جي سجدو ڪبو آ خدا کي ڪبو آ،
انسان کي يزدان متان ڪو سمجهي.

†

# سنڌو جي ڪناري

سنڌوءَ جي ڪناري
مون،
ڪالهہ ڏٺو بيٺي.
نہ ڪاموج مستي هئي،
نہ وري ڪا ڇوهہ مان ڇولي اڀري آئي.
مون،
ريت جي ذرڙن ڪي ڪنيو هو مُٺ ۾،
سي بہ منهنجي مُٺ ۾ رهي ڪونہ سگهيا.
ملاح جي ڪشتي بہ ڪناري تي پئي هئي،
ڇڙ!
نوح جي ٻيڙي جو ڀڳل هو ٽڪرو،
بس!
منهنجي اکين مان لڙڪ ڪريا
جن منهنجي ڳلن تي واهڙ وهائي ڇڏيا.



# ماءُ جا لڙڪ

ڪالهہ ڪونڌر جي ڪُنا،
توبہ ڏٺا مون بہ ڏٺا.
جن جي هٿڙن تي نہ ڪا ميندي هئي،
نہ هين موڙ مٿي تي.
ڪو زمانو هو جو!
سنڌوءَ ۾ پي لاش لڙهيا.
اڄ تہ :
هر چئونڪ تي ۽ گهيڙ گهٽي ۾،
لاشن جا تہ انبار لڳا پيا هن.
انسان جي عظمت جو ڇا حال ٿيو؟
ڪنهنجي اکين ۾ هئا لڙڪ تہ ڪو وري مرڪي پيو.
بس!
هڪ ماءُ هئي،
جنهن پنهنجا لڙڪ لڪائي ڪونہ سگهيا.

# دل جون ڳالهيون

❖ هونءَ تہ مون پنهنجو پاڻ کي ڏٺوئي ڪونهي،
پر! جڏهن تون جُوهہ وجهي منهنجي اکين ۾ڇتائي ڏسندو آهين، تڏهن مان پاڻ کي تنهنجي اکين ۾ ڏسي وٺندو آهيان.

❖ برسات وسي بس ٿي وئي،
پرمنهنجون اکيون اڃا مينهن پيون وسائن.

❖ تنهنجو ملي وڃڻ ۽ وري وڇڙي وڃڻ بہ اهڙو آهي،
جيئن ڪا ڪونج ولر کان وڇڙي ويندي هجي.

❖ ڪالهہ تون روئين پيو تہ آءُ توکي پرچايان پيو،
اڄ! آءُ روئان ٿو تہ مونکي ڪوبہ پرچائڻ وارو ڪونهي.

❖ ڪالهہ سنهڙي بوند وسي پئي ۽ آسمان تي اندلٺ ڏسي،
مونکي تنهنجو وجود ياد آيو.



❖ تنهنجي منهن تي پگهر جا ڦُڙا ائين لڳندا آهن،
جيئن ڪنول جي گل تي ماڪ جا ڦُڙا.

❖ مان توکي ائين ياد ڪندو آهيان،
جيئن ڪو خداجو نيڪ بندو پنهنجي خدا کي ياد ڪندو آهي.

❖ تون ايندو آهين تہ منهنجا احساس جاڳي پوندا آهن،
پر جي تون هليو ويندو آهين تہ ساهہ کي سڪرات لڳي ويندي اٿم.

❖ ڪالهہ ڪارن ڪڪرن کي ڏسي مونکي تنهنجي وارن جي ڇانوَ ياد آئي،
جڏهن! ڪڪروسيا تہ مونکي تنهنجا روئيندڙ نيڻ ياد آيا.